
موتين جو مهراڻ
- مرچومل سوني

# موتين جو مهراڻ

(شعرن جو مجموعو)

مرچومل سونيِ

# گيت سُرن ۾ آڻ

مرچومل سوني ۽ شيوڪرام سونيءَ جي جڳل جوڙيءَ، گورڌن ڀارتيءَ جي قابل هدايتڪاريءَ هيٺ، ڀارت جي شهر شهر ۾ پنهنجي ماڊرن ڀڳت ذريعي طرح طرح جا سانگ رچي، ويس وڳا مٽي، منچ تي قلابازيون ڏيئي، عام سنڌي درشڪن جو، گذريل چاليهن سالن ۾ سوين پروگرام پيش ڪري ڀرپور منورنجن پي ڪيو آهي. سندن پيش ڪيل اِسمن ۾ 'دوڪو'، 'ڪرسي مان نہ ڇڏيندس'، 'جهڳڙو'، 'نارُومل پارُومل' بيحد مقبول ثابت ٿيا آهن. ايتري قدر جو هنن سنڌي لوڪن جي زبان تي 'نارُومل-پارُومل' جي نالن سان پنهنجي نئين سڃاڻپ جوڙي ورتي آهي. عام لوڪن کي اِها خبر ناهي تہ هي ٻہ ئي ناچو ڀڳت شاستري سنگيت ۾ وشارد پاس ڪيل، سُر، لئہ، تال جا پڪا پختا گائڪ ڪلاڪار آهن. نچڻ، ڳائڻ، سندن پيشو ناهي، بلڪ هڪ شوقيا عمل آهي. پنهنجي شهر جا بينل، عزت آبرو وارا ناگرڪ، هڪ سياسي پارٽيءَ جا سرگرم ڪاريہ ڪرتا آهن. امر جنسي دوران جيل جي سزا ڪاٽي اُنجو ڏنڊ بہ ادا ڪري چڪا آهن.

ڀائرءَ جا هي ٻہ ڪلاڪار سچي معنيٰ ۾ ڪلاڪار آهن؛ نہ ڪو هٺ وڏائي، نہ پئسي پنجر جي لالچ، پنهنجو گهر ٻار، ڏنڌا ڌاڙيون هفتن جا هفتا ڇڏي، ڏٽيءَ طرفان عطا ٿيل ڏات کي بنا ڪو اُجورو طلبڻ جي لوڪن ۾ ورهائيندا ٿا وتن. مزو وري اِهو جو پنهنجي هن سوڌيل سنواريل ڏات جو ڪين رتيءَ ماتر بہ ايمان ڪونهي. نمرتا جي هي ٻئي مجسم مورتي آهن.

گوورڌن ڀارتيءَ جي رٽائر ڪرڻ بعد ڪين پنهنجي 'سنگيت ڪنور' جي ٽوليءَ ۾ شامل ڪري چيٽي چنڊ جو پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ هانگ ڪانگ وٺي ويو هوس. هانگ ڪانگ ۾ بہ هنن واهہ جو پاڻ ملهايو.

## مرچومل سونيءَ جي شاعري

ڀاءُ مرچومل سونيءَ جو اِهو وڏپڻو آهي جو هن پنهنجي رچيل گيتن، واين، غزلن جي هن مجموعي 'موتين جو مهراڻ' جو مهاڳ لکڻ جو شرف مونکي عطا ڪيو آهي. هن کان اڳ سندس رچنائن جا ٻہ مجموعا 'منهنجو ملڪ ملير' ۽ 'رُوح جا روشندان' شايع ٿي چڪا آهن. پهرين مجموعي جي پٺئين ڪوَر تي بہ لفظ ارجن حاسد جا لکيل نظر اچن ٿا ۽ سندن ٻئين مجموعي جو مهاڳ راشٽر ڪوِي هوندراج دُکايل جو لکيل آهي. شعرن جو اِهو مجموعو

# موتين جو مهراڻ

(شعرن جو مجموعو)

ليکڪ:

مرچومل سوني

جنوري : 2007

قيمت : -/100 روپيه

ڪوَر ڊزائين :
پرهلاد ڪرمواڻي

ڇپائيندڙ :
317, سوني پبلڪيشين
ڪيشونگر، وئشالي نگر، اجمير
فون: 0145-2640958

ڇپيندڙ:
امر پارٽ آفسيٽ پريس
هاٿي ڀاٽا، اجمير
فون : 2626372

راجستان سنڌي اڪاڊمي، جئپور جي آرٿڪ سهيوگ سان ڇپايل

राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर जे आर्थिक सहयोग सां छपायल

राजस्थान सिन्धी अकादमी
राजस्थान सरकार ( शिक्षा विभाग ) का स्वायत्तशासी संस्थान
जे-7, सुभाष मार्ग, सी-स्कीम, जयपुर. टेलीफैक्स: 0141-2228399
راجستان سنڌي اڪاڊمي
RAJASTHAN SINDHI ACADEMY

# گیت

# ءِ

# وایون

هن سداحيات نارايڻ شيام ۽ پنهنجي اُستاد گووردن ڀارتيءَ کي ارپڻ ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ ديش ڀڳتي گيت به شامل آهن، جيڪي درسي ڪتابن ۾ درج ڪرڻ ۽ شاگردن کان پرارٿنا طور ڳارائڻ لائق آهن، جهڙوڪ:

ڪائنات جي مور مُڪٽ ۾ چمڪي چنڊ سمان
اسانجو ڀارت ديش مهان!

۽

ستيه اهنسا جا گڻ ڳائي، منگل گيت سٽايون
ويرن جي پاون ڌرتيءَ کي اچو ته سرڳ بڻايون.

نڌڙڪي بڻجي ويل سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جو هي حشر ڏسي ڪهڙي حساس دل ڀانڪ جي اکين ۾ آب تري نه ايندو؟

ارتيءَ سان گڏ ڪائين بدران ڪتاب ڪاپيون؟
سچ ٿو چوان ته هي سنڌي ليکڪ جو سَر آ.

ڀل ته شاعر پنهنجي جيئري اِها هام هڻي چڪو هجي ته:

شمع زندگيءَ جي اُجهاڻي ته ڇا ٿيو؟
هزارن چِراغن کي ٻاري ڇڏيوسين.

اڄ جي سنڌي سماج وٽ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت جو ڪو قدر ڪونهي. اُها رڳو ٻنهي هٿن سان ناڻو ميڙڻ ۾ مشغول آهي.

وڃي ٿي وسرنديِ سنڌوءَ جي ٿڃ ٻهه- گٽي ٻولي،
رڳو بس مال ميڙڻ منجهه ئي مسرُور ٿي وياسين.

اڄ جا ليکڪ شاعر به اهڙي ئي سماج جو حصو آهن. هنن مان گهڻوتڻو سڀ بنا ابياس، رياض جي راتو رات مشهوري ميڙڻ جا خواهان آهن.

ڪٿي آهن اُهي شاعر، ڪٿي آ شاعريِ اهڙِي
لکي هڪ شعر، محفل ۾ پڙهي، مشهور ٿي وياسين.

مرچومل نيڪ ئي چيو آهي:

ڏينهن ٻن جي آ هاڻ حياتي - ڪنهن کي ڪنهن کي گيت سٽايون
عمر سڄي ٻين لئه ڳايوسين- آءُ ته پنهنجي لاءِ ڪجهه ڳايون.

سندس گيتن، واين، غزلن جي هن مجموعي 'موتين جو مهراڻ' ۾ جي اسين ٽٻيون ڏينداسين ته ضرور ڪي معنيٰ جا موتي ميڙي سگهون ٿا، جيڪي اسانجي احساس کي سوڌي، اسانجي انيو ۾ اِضافو آڻيندا. اسانجي زندگي سرشار ڪندا.

٦، ملير، آديپور (ڪڇ)-٣٧٠٢٠٥


# سرسوَتيِ وندنا

وَر ڏي، وَر ڏي، وَر ڏي،
ويــڻـا وادنــيِ وَر ڏي،
نت نت ڳايان، گيت گونجايان،
سُر سنـگيـت امـر ڏي.

مان بي سُر تون سُر جيِ راڻيِ، اوت امڙ ڪا منڙيِ واڻيِ،
دل سان ڏيايان، سيس نوايان،
اهڙو مـن مندر ڏي، وَر ڏي.

سُر منڊل جون سهسين تارون، جهرنن ۾ تيون ڪن جهونـگارون،
پنهنجي سُر مان، سُر ساگر مان،
گڻن ڀريِ گھاگھر ڏي، وَر ڏي.

ڪويل جهڙيون منڙيون ٻوليون، ڪير ڏئي لالن کي لوليون،
نـاچ نچائي، ڇُهمريون پـائي،
اهڙو سنت ڪنوَر ڏي، وَر ڏي،
ويــڻـا وادنــيِ وَر ڏي!



هڪڙي اوکي شاعري - ٻي آ مَنٽي منڊ
اِڪتاري جي تار تي - ڳايان وِيٺو چنڊ
ڪڏهن ٽپندي تند - ڪڏهن سڻندو سپرين

# پايل

ڪيئن پير ڪٽان مان آيل ڙي،
منهنجي پايل آهي گهايل ڙي!

گهنگُهرو ٿي ويا داڻو داڻو - ڪنهن ساڻ ڪريان ٽاڻو ماڻو،
من مور اٿم مُرجهايل ڙي،
منهنجي پايل آهي گهايل ڙي!

پنئورا ڪلين کي ڏنگ هڻن - ڪويل جا سُر پيا ڪنگ هڻن،
هر پنئورو آ ٻهڪايل ڙي،
منهنجي پايل آهي گهايل ڙي!

ڇو سونهن سونهن جي ويرِي آ - هرڪا اک ميرِي ميرِي آ،
هت هرڪو آهه ٻڪايل ڙي،
منهنجي پايل آهي گهايل ڙي!

راڻيءَ مان ٻڌجي ويس داسِي - پاڻيءَ ۾ جئن مڇلي پياسِي،
نيئن آئون ٻه آهيان اُجايل ڙي،
منهنجي پايل آهي گهايل ڙي!

# آئيني جي اڳيان

تون آئيني جي اڳيان اچي - اُن ۾ پنهنجو ديدار نہ ڪر،
سُهڻي! ايڏو سينگار نہ ڪر!

هڪ اڳ ئي ڪنچن ڪايا - چڻ چنڊ مان چلڪي آ ڇايا،
سندُور سينڌ ۾ چلڪائي - ۽ نيڻن ۾ ڪاجل لائي،
چوٽيءَ ۾ گجرا مهڪائي - گلشن کي شرمسار نہ ڪر،
سُهڻي! ايڏو سينگار نہ ڪر!

نخريلي سونهن جوانيءَ تي - ۽ البيلي مستانيءَ تي،
من موهيندڙ هن مورت تي - ۽ سهڻي سُندر صورت تي،
ڪوُڙي ڪايا جي ڇايا تي - منڙي ايڏو اعتبار نہ ڪر،
سُهڻي! ايڏو سينگار نہ ڪر!

جنهن سونهن تي ايڏو ناز اٿئي - سو حسن تہ دوکيباز اٿئي،
هي مُرڪ سُرڪ ۽ لٽڪو ٽئي - سڀ چئن ڏينهن جو چٽڪو ٽئي،
تو سچ چوان تون مڇ ڪٽي - جوين سان ايڏو پيار نہ ڪر،
سُهڻي! ايڏو سينگار نہ ڪر!

درپڻ کي ڏاتر ذات ڏني - سچ ٻولڻ جي سوغات ڏني،
هي ڪوڙ نہ ڪنهن سان ٻوليندءِ - اُهڃاڻ عمر جا کوليندءِ،
ڪن پل جي سونهن جوانيءَ جو - هنجي سامهون اِظهار نہ ڪر.
سُهڻي! ايڏو سينگار نہ ڪر!

# ڪُڪڙ ڏني بانگ

رات سميٽي تارن کي وئي - ڪُڪڙ ڏني جئن بانگ،
نوَورنيءَ جيان ڪرڻ لڳي - پرڀات سُنهري سانگ!

ننڊ مان جاڳيو جيئن سويرو - پکي ڇڏي پنهنجو آکيرو،
اڏڻ اڏڻ ۾ اُڏري آيا - چوڳي ڪارڻ ڪانگ!

پرهه ڦُٽيءَ پٽڙو جاڳيو - ممتا ماءُ سندو وڏ ڀاڳيو،
ڏائڻ لئه گوديءَ ۾ ننڍڙو - چوڪر ڏئي ڇلانگ!

اُٿي اسُر جو مومل راڻي - وار سنواري سينڌ سياڻي،
ڏس تہ سُهاڳڻ ڀري رهي آ - سينڌر سان ڪيئن مانگ!

مِنڙي مِنڙي بين وڄائي، مڌر سُرن تي مست بڻائي،
صبح سويرو هيءُ سپيرو - ڪيئن نہ نچائي نانگ!

ڳليءَ ڳليءَ اوڙي پاڙي مان - ڏورن جي هِن هُن واڙي مان،
جهنگ چرڻ لئه وڃي رهي، ڇيلن ڇيلين جي ڇانگ!

ڀور ڀئي ويدن جي وا-ي - مندر گردواري گر باڻي،
امرت جل گنگا جو پاڻي - آ جيوَن جي مانگ!

# اُڏامِي اچان ها

هجن ها پَر تہ مان جيڪر،
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها،
ڇڏي جهنگ جهر - ڏڪيا ڏُونگر،
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها!

مِنا محبُوب او جانِي - ڪري ٿورِي مهرباني،
لکين ها ڪر - بہ چار اکر
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها!

هلِي وئين رات لڪچورِي - ڪري وئين چو چني چورِي،
ڇڏي ٿر بَر - گهٽيون ۽ گهر،
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها!

ڇڏي هي محل ۽ ماڙيون - مِنا مائٽ سکيون ساريون،
اباڻا در - ڇڏي دلبر،
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها!

هليا ويا مينهن ساوَڻ جا - سهانا ڏينهن ساوَڻ جا،
مُڪئي نہ خبر - ولهيءَ جا ور،
اُڏامِي اچان ها - اُڏامِي اچان ها!

# شل ٻچي جواني

ٻچپڻ مان ڪروٽ بدلي تي اچي جواني،
نينھن نياڻ ڪيئن نہ شمع تي پچي جواني،
شل ٻچي جواني!

جنھن ھيءَ مورت ناھي ھوندي
پنھنجي سُرت ڀُلائي ھوندي
وار سُنھري مُنھن مھتابي
ڪنچن ڪايا نيڻ شرابي
مست مورنيءَ جان ھلندي ڪيئن اچي جواني،
شل ٻچي جواني!

ڪومل ڪومل سُھڻا ھٿڙا
ڳاڙھا ڳاڙھا مينديءَ رتڙا
جيئن جيئن ھوريان پير کڻي ٿي
تيئن تيئن جھيڻي ڇير وڄي ٿي
خوشيءَ سنديون خوراڪون ماڻي مچي جواني،
شل ٻچي جواني!

چوٽيءَ ۾ گجرا مھڪائي
ھيرن جڙيل نٿڙي پائي
لاليءَ سان لب لال بڻائي
اڄ سورھن سينگار سجائي
ڇم ڇم ڇم ڇير ٻڌي ٿي نچي جواني،
شل ٻچي جواني!

# ڦڳڻ جي هير

ڪٿي ڦڳڻ جي هير تڏيري - آيو چيٽي چنڊ،
گھر گھر ديپن ڏوپن سان مهڪايو چيٽي چنڊ!
ڳايو چيٽي چنڊ.

ڳليءَ ڳليءَ ڀراٽا گھمندا - ڍُهل دماما جھانجھ به وڄندا،
نندا وڏا سڀ چيچوُن هڻندا،
نگر نگر شهنائين سان گوُنجايو چيٽي چنڊ،
ڳايو چيٽي چنڊ.

درياه شاه تي جوت جلايو - لالڻ شاه جا پنجڙا ڳايو،
گھر گھر سيسا سُکو ورهايو،
نئين سال کي جوتين سان جرڪايو چيٽي چنڊ،
ڳايو چيٽي چنڊ.

چڙهي پلي تي لالڻ ايندو - نفرت جي اڄ پاڙ پٽيندو،
ڏڏڙن کي هوُ ڏاڻ به ڏيندو،
اَن ڌن جا ڀنڊار ڀري گھر آيو چيٽي چنڊ،
ڳايو چيٽي چنڊ.

مذهب جي ديوار هٽائي، ذات پات جو ڀيد مِٽائي،
هيٺن کي ڇاتيءَ سان لائي،
اوتي مينهن محبت ساڻ ملهايو چيٽي چنڊ،
ڳايو چيٽي چنڊ.

# جوت منجهان جوت

جوت منجهان ہي جوت جلائي - روشن راهہ بڻايون
ڏياريءَ جي ڏيئن سان هن ڌرتيءَ تي سُرڳ بڻايون
روشن راهہ بڻايون!

گهر گهر منجهہ صفائي ٿيندي، اڱڻ اڱڻ ۾ لڇمي ايندي
هٽالڙيون پڻ روشن ٿينديون - هرهنڌ مال مٺايون ايند‌يون
ڪائي خوب مٺائي ڏيندا ڏياريءَ جون واڌايون
روشن راهہ بڻايون!

•

اَمن چئن جا سُر گُونجائي - يڪتا پورن کي دڳ لائي
جنهن گهر اجا بہ آهہ انڌيرو - تنهن گهر ديپ جلايون
روشن راهہ بڻايون!

نفرت جون ديوارون ٽوڙي - رُٺلن سان پڻ رِشتا جوڙي
ڪلي ڪلي ڪيڪاري تن کي - ياڪر منجهہ سمايون
روشن راهہ بڻايون!

ايندڙ هي نئون سال سڀن لئہ - بڻجي شل خوشحال سڀن لئہ
گهر گهر مان انڌڪار مٽائي - سارو جڳ جرڪايون!
روشن راهہ بڻايون!

# رُت بسنت

رُت بسنت جي آجيان ۾ اڄ - ڪَلِي ڪَلِي مُسڪائي آ
ڪائنات جي دوار دوار تي - وڄي رهِي شهنائي آ

مُکڙي مُکڙِي هولي هولي - مُرڪي مُرڪي گهونگهٽ کولي
عطر فضا ۾ گهولي گهولي
مُکڙيءَ مهڪ لٽائي آ

ماڪ پنا رابيل لُڏن ٿا، ڪَليءَ ڪَليءَ کي پيونئر چمن ٿا
گلڙن ڦلڙن جي خوشبوءِ سان
پوَنءِ پِني مهڪائي آ

ٻَٽ ٻَٽ ٻَٽ ٻَٽ ٻيرا لائن - مور پپيها موج مچائن
ٽار ٽار تي ڪويل ٻولي
ٻن ٻن مستِي ڇانئي آ

کيت کيت ۾ سرسون جهومن - جوئر ڄٽا ءِ ڪڪڙون جهومن
ڌرتي سارِي سرڳ بڻي آ
محنت موج مچائي آ

# ڀروُڻ هتيا

مميِ مونکي جيئڻ ڏيو - پاپا مونکي جيئڻ ڏيو
اما مونکي جيئڻ ڏيو - بابا مونکي جيئڻ ڏيو
دک سک ياڳن کان پائيندس - کڙو منو سڀ پيئڻ ڏيو
مميِ مونکي جيئڻ ڏيو!

ناحق هِئن بي موت نہ ماريو - نياڻيِ در تان ڪين ڌڪاريو
مونکي هيِ سنسار ڏسڻ ڏيو - ڪائنات جو پيار ڏسڻ ڏيو
منڙيِ ماءُ سنديِ گود ۾ - ممتا جيِ ڇت پيئڻ ڏيو
مميِ مونکي جيئڻ ڏيو!

پنهنجو ڀاڳ کڻي ايندس مان - ڪنهنکي ڪين ڏکوئيندس مان
مُک تان مُرڪ لٽائيندس مان - سڀ جيِ دل هرکائيندس مان
آئون اياڻيِ ننڍڙيِ نياڻيِ - آڱڻ ماءُ جي کيلڻ ڏيو
مميِ مونکي جيئڻ ڏيو!

ماءُ پيءُ جو چوڻ مڃيندس - روز پڙهڻ اسڪول بہ ويندس
ڪين ڪنديس مان ڪابہ لُچائي - دل سان لائي ڪنديس پڙهائي
لکي پڙهي هوشيار بڻي - پنهنجي پيرن تي بيهڻ ڏيو
مميِ مونکي جيئڻ ڏيو!

# من ميت

جن گيتن جا ميڙيم موتي
تن ۾ منهنجي جيون جوتي

ورهين پڄاڻا اڄ سي منڙا گيت پراڻا ياد آيا
گيت پراڻا ياد آيا - من ميت پراڻا ياد آيا

ڏيهه اسانجي ڳوٺ اباڻي - اوطاقن ۾ سانجهيءَ ٽاڻي
محفل ۾ سڀ ڳائيندا هئا - مستي موج مچائيندا هئا
يڪتاري تي صوفين جا سنگيت پراڻا ياد آيا
من ميت پراڻا ياد آيا

سنڌڙيءَ جو سينگار هئا جي - سنڌو مان جو پيار هئا جي
پنهنجي سِر جو سانگو لاهي - رَڻ ۾ پوندا هئا سي ڪاهي
ڏاهر جهڙا مهاوير رڻجيت پراڻا ياد آيا
من ميت پراڻا ياد آيا

رکي رکي سڀ ياد اچن ٿا - اڄ به ڪنن ۾ سُر گونجن ٿا
شاهه سچل ساميءَ جا پيرا - ڪنوَررام جت ڪيا بسيرا
الهه لوڪ سي سڀ سرمور ڪوِي ته پراڻا ياد آيا
من ميت پراڻا ياد آيا

# رت پِنا رابيل

اڙي بزدلو بند ڪريو قرلُت ۽ خوني کيل
رت پِنا رابيل رُئن ٿا - رت پِنا رابيل

سري عام قتلام ٿين ٿا - روز صبح ۽ شام ٿين ٿا
هِت هُت هٿيارن جي هولِي - کيلن رت پيرِي رنگولِي
آهي ڪو اڄ شيطانن کي نڪ ۾ وجهي نڪيل
رت پِنا رابيل رُئن ٿا - رت پِنا رابيل

گولين جي بوڇار وسي ٿِي - مظلوُمن تي مار پوي ٿِي
هِت هِن جو سندوُر هليو ويو - ڪنهن ماتا جو نوُر هليو ويو
وچڙِي يا وَر گهر جن ڪان - سي ڪن ڪيئن تيل قليل
رت پِنا رابيل رُئن ٿا - رت پِنا رابيل

مندر روئي مسجد روئي - گردوارو گرجاگهر روئي
چوتا گهر ۾ آگ لڳايو - آزاديءَ کي داغ لڳايو
هاءِ! لڳي وئي يارت کي ڪا نظر نياڳيءَ ويل
رت پِنا رابيل رُئن ٿا - رت پِنا رابيل

آئون اوهان جي جائي آهيان - پڪ سمجهو تہ پرائي آهيان
آئون پرائي آهيان امانت - تنهن ۾ چو ٿا ڪريو خيانيت،
پالي پنهنجو فرض نڀائي - وڏي ٿي ويجهڻ ڏيو
ممي مونکي جيئڻ ڏيو!

ننڍڙيءَ مان ٿي وڏي سياڻي - ادب حيا جو گهڻو ماڻي،
ڪين ڪنديس مان ٽاٽو ماٽو - پاڳن سان جو ملندم راٽو،
خوشيءَ خوشيءَ سان لائون لهي - راڻي جي راڻي ٿئڻ ڏيو
ممي مونکي جيئڻ ڏيو!

اوچتو هڪ ڏينهن هتان اِنسان پيِي ويندو هليو
شاهہ شاهوڪار ۽ شيطان پيِي ويندو هليو
هيِ محل ۽ محلات بس بہ چار ڏينهن آ
اِنسان جيِ اوقات بس بہ چار ڏينهن آ

ڪو اڄ ٿي ۽ ڪو سڀاڻ هرڪو لڏيندو ٿو وڃي
وقت پنهنجي ياد جا پاڇا ڇڏيندو ٿو وڃي
هيِ فڪر ۽ فڪرات بس بہ چار ڏينهن آ
اِنسان جيِ اوقات بس بہ چار ڏينهن آ

# اوقات

اِنسان جي اوقات بس ٻہ چار ڏينهن آ
سنسار جي سوغات بس ٻہ چار ڏينهن آ

ڪي گهڙيون سونهن ۽ جواني - پيار پيِ آ ڪي گهڙيون
ڪي گهڙيون اِنڪار ۽ اِقرار پيِ آ ڪي گهڙيون
هيءَ نينهن جي نغمات بس ٻہ چار ڏينهن آ
اِنسان جي اوقات بس ٻہ چار ڏينهن آ

چنڊ پڻ مهمان هِت ۽ چار ڏينهن چانڊاڻ آ
پل ٻہ پل چوليون ڇتيون ۽ چار ڏينهن مهراڻ آ
تارن سنديِ بارات بس ٻہ چار ڏينهن آ
اِنسان جي اوقات بس ٻہ چار ڏينهن آ

پل تہ مُڪڙيون موج سان مهڪيِ ٽڙن گلڙا ٽين
چوطرف هي چوچ مان مهڪيِ منيِ خوشبوءِ ڏين
هيِ باغ ۽ باغات بس ٻہ چار ڏينهن آ
اِنسان جي اوقات بس ٻہ چار ڏينهن آ

# مان داس آهيان تون سائين

## مُحبت

مونکي پنهنجو داس بڻايئہ
۽ تون بڻجي ويٺين سائين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

تنهنجو منهنجو ازلئون ناتو - کنهن ورلي ويراڳيءَ جاتو
تنهنجي منهنجي ذات بہ ساڳي - آئون انش تون انشي آهين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

گر مونکي پئدا نہ کرين ها - کنهن سان ساري راند رچين ها
مان نہ هجان ها، تون نہ هجين ها - مان آهيان تڏهن تہ تون آهين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

مون ۾ تو ۾ فرق نہ کوئي - جو تون آهين مان بہ اُهوئي
پر منهنجي نک وجهي نکيلي - جيئن تو چاهين تيئن هلائين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

ڏات بہ تنهنجي بات بہ تنهنجي - منهنجي هيءَ اوقات بہ تنهنجي
مان چا ناهيان ۽ چا ڳايان - سڀ تون ئي پيو راڳ رچائين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

پنهنجي نوُر منجهان اُپجائي - پراڻيءَ اندر پاڻ سمائي
پرکرتي ۽ پرش بڻائي - کائنات کي پيو کوڏائين
چو تو مونکان پاڻ لکائين!

# حياتِي

ڏينهن ٻن جي آ هاڻ حياتِي - ڪنهنڪي ڪنهنڪي گيت ٻڌايون
عمر سڄي ٻين لاءِ ڳايوسين - آءُ تہ پنهنجي لاءِ ڪجھ ڳايون

عمر سندا اُهڃاڻ اچي ويا - پيشانيءَ تي جاڻ اچي ويا
مُرڪن ۽ لُڙڪن جا موتِي، ميڙ تہ هيئي ساڻ هنڊايون
ڏينهن ٻن جيِ آ هاڻ حياتِي!

وطن ورڻ جا خواب سمورا - رهجي ويا ارمان اڌُورا
رڳ رڳ ۾ جنهن امرت اوتيو - تنهن ٿڃ جا ٿورا ڪيئن لاهيون
ڏينهن ٻن جيِ آ هاڻ حياتِي!

ڏاتر منڙِي ڏات ڏنيِ جا - سُر سنگيت سوغات ڏنيِ جا
مهڪ اُها محفل ۾ اوتي - لُڙڪ لڪائي مُرڪ لٽايون
ڏينهن ٻن جيِ آ هاڻ حياتِي!

ڪتمنڙيون يارن جون ٻوليون - ڪن تہ ڏنيون پيار مان لوليون
درد ڏيئي جن جيءَ کي جهوريو - هاڻ سين ڪان ٿا بخشايون
ڏينهن ٻنِ جيِ آ هاڻ حياتِي!

سُواسن جو انمول خزانو - هاڻ ٿيڻ تي آهہ روانو
رمز رتيءَ سان رب ريجهائي - هاڻ هلڻ جا ساز سجايون
ڏينهن ٻن جيِ آ هاڻ حياتِي!

# بَن ۾ جهوُمي مور

بن ۾ جهومي مور ڙي - منهنجي من ۾ چور ڙي
اڄ تنهنجي دل چورائيندس
متان مچائين شور ڙي.

محفل پيي اڄ رنگ رتي آ - چڙهي محبت جي مستي آ
مان بہ پيار جا نغما ڳايان - تون بہ چپن کي چور ڙي
بن ۾ جهومي مور ڙي.

اڄ توتي منهنجي دل ٽيندي - رات اجوکي محفل ٽيندي
اِئين محب سان ٻڌجي ويندس - جيئن پتنگ سنگ ڏور ڙي
بن ۾ جهومي مور ڙي.

متان مونکي اڄ روکيو سرتيون - ڏوهہ ڏيو يا ٽوکيو سرتيون
اڄ مان پنهنجي وس ۾ ناهيان - هلي نہ من تي زور ڙي
بن ۾ جهومي مور ڙي.

رم جهم رم جهم ساوڻ آيو - مُرجهايل مکڙيءَ مسڪايو
بوندن جي بارات ڪٽي اڄ - گهمي گهٽنا گهنگهور ڙي
بن ۾ جهومي مور ڙي.

آءُ پريت جا پيچ لڙايون - سڪ کي سيني منجهہ سمايون
مان بہ نڪيلي وجهان نيهن جي - تون بہ سڳي کي سور ڙي
بن ۾ جهومي مور ڙي.

# کُڙکبيتو

جا ڳالهه چوانءِ تي ڪن ۾ - سا رکجانءِ پنهنجي من ۾.
کهڙِي؟
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو - منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو
مون تنهنجي پيالن مان پيتو - نيڻن متوالن سان پيتو
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو.

چو موسم چنچل تي آ - بوندن ۾ هلچل تي آ
اڄ لڄ جا ليڪا لاهي - چو کيچل تي دل تي آ
جا تار لڳي تم تن ۾ - سا ڳالهه چوانءِ تي ڪن ۾. کهڙِي؟
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو.

هي مُڪڙيون چو مهڪن تيون - ۽ چيهن جيان چهڪن تيون
نيڻن سان نيڻ ملائي - اڄ اکڙيون چو ٻهڪن تيون
آ ڪلي ڪِلي گلشن ۾ - سا ڳالهه چوانءِ تي ڪن ۾. کهڙِي؟
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو.

ڏس سهڻي سينڌ سڀالي - پاتم سوني جي والي
چورايم سونهن چنڊ جي - ڪنئي پرهه ڦُٽيءَ جي لالي
مچلي پئي مستي من ۾ - سا ڳالهه چوانءِ تي ڪن ۾. کهڙِي؟
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو.

ٻڌ محب منا او جانيِ - ڏي نينهن پيري تہ نشانيِ
اڄ مونکان الي وڇڻ جي - تون ڪجانءِ نہ آنا ڪانيِ
ڏي گلڙو ڪو گلشن ۾ - سا ڳالهه چوانءِ تي ڪن ۾؟ کهڙِي؟
منهنجي من ۾ ڪُڙکبيتو.

# پاڳ پتار

روئـي زارون زار - پرينءَ کي پرچائيندي‌س
حيلا ڪنديس هزار - پرينءَ کي پرچائيندي‌س

مُرڪي چونديس محب مني کي - ڪي تہ گهڙيون گڏ گهار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

ويجهي وجي گلي ۾ وجهنديس - ٻانهن جو مان هار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

پانڌ ٻڇيءَ ٻل پائي پائي - ريبي پاڳ پتار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

اڄ آلين الين اکڙين مان - اوتي نينهن اپار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

هٿ جوڙينديس پيرين پونديس - ڪيئن بہ ڪري هڪ وار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

روُح رهاڻين سان ريجهائي - ريبي ڏينهن بہ چار
پرينءَ کي پرچائيندي‌س.

# وايون

## هٿن مان وڃي ٿي

اڃا چوڻ آئين سگهو موٽ جاني
سڄڻ هيءَ جواني - هٿن مان وڃي ٿي

رهي چار ڏينهن گڏ - محبت پري هڪ
ڏنئہ جا نشاني - هٿن مان وڃي ٿي

ڇڏي ڳُهنج ڇهري مٿان موڪلائي
عمر ٿي رواني - هٿن مان وڃي ٿي

جوانيءَ جي جذبن سان آخر نڀائي
سڄي زندگاني - هٿن مان وڃي ٿي

اکين ساڻ اکڙيون ملائي مٺا تو
ڪئي مهرباني - هٿن مان وڃي ٿي

شمع خود بہ خود کي جلائي جلائي
محبت ديواني - هٿن مان وڃي ٿي

عمر ڀر نڀائڻ جو تنهنجو هو وعدو
۽ منهنجي زباني - هٿن مان وڃي ٿي

ڪتابي محبت منجهان هاءِ منجي
ٻنهين جي ڪهاڻي - هٿن مان وڃي ٿي

# من جيِ ڪويل

منهنجي من جيِ ڪويل ٻولي
پيد اندر جو ڪولي ڪولي

گرجاگھر ۽ مسجد مندر - سيئي وسن ٿا هن جي اندر
پر هي وينو ٻاهر ڳولي
منهنجي من جيِ ڪويل ٻولي

لکين ڪروڙين مايا جوڙيِ - تڏهن بہ ٿو سمجهي ٿوري ٿوري
روڪڙ وڏو سين ڪي رولي
منهنجي من جيِ ڪويل ٻولي

ڪن جي ڊوڙ ينگوڙين تائين - ڪي ڦُلفيءَ ۾ سمجهن سائين
يرمن وڏو سين ڪي يولي
منهنجي من جيِ ڪويل ٻولي

اچا عمر جا جاڻ اچي ويا - پيريءَ جا اُهڃاڻ اچي ويا
تڏهن بہ پيو غفلت ۾ ڊولي
منهنجي من جيِ ڪويل ٻولي

# آءُ ڪميٽيِ ڪير

گهنگهروُ تي ويا داٽو - ڇڄيِ پئي ٿمر ڇير
ڪيئن ڪٽان مان پير او سرتيون ڪيئن ڪٽان مان پير

نچي نچي ٿيس ساٽي ساٽي - هاڻ نچڻ جي ويل وهاٽي
ڇير رکي وئي وير
ڪيئن ڪٽان مان پير

هرڪا اک آ ميريِ ميريِ - وير وجهي بيٺو آ ويريِ
رستو روڪي ڏير
ڪيئن ڪٽان مان پير

منهنجي موھ مداين واريون - ڪرمن جون هي ڪاريون ڪاريون
ڪڙيون ڪٽيندو ڪير
ڪيئن ڪٽان مان پير

لکيو نصيبن ڪيئن ڏاهيندس - ساهڙ سان سينو ساهيندس
آئون ڪميٽي ڪير
ڪيئن ڪٽان مان پير

در تنهنجي تي ايندي ايندي - ڪٽان محبت جا ميڙيندي
دلبر تي وئي دير
ڪيئن ڪٽان مان پير

# اڪثرين جي اوطاق مان

پينر ڪيئن مان ور وساريان
آيل ڪيئن مان ور وساريان

تن ۾ جنهنجي تاتڙِي - پايان تنهن لئہ جهاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

قول ڪڇي جي مان ٿيان - ڪنڌ وهائج ڪاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

نيڻن مان بوندوُن وسن - سڪ جي هيءَ سوغاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

ميخ محبت جي هڻي - هليو ويو پرياتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

آءُ ڪميڻي ڪيچ جي - ٻنڙِي منهنجي ذاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

آهيان اُنهيءَ جي آسري - ڏاتر ڏيندم ڏاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

اڪثرين جي اوطاق مان - پائي پريت بہ جهاتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

مرڻ کان اڳ جي مُيون - موت ڏيندو ڇا ماتڙِي
پينر ڪيئن مان ور وساريان

# سهڻيءَ جي صدقي

متان پڇين تہ پتار - پيرو متان پڇين
محب منا منٺار - پيرو متان پڇين

راتيان ڏينهان سندم چپن تي - تنهنجي پريم پچار
پيرو متان پڇين

لِون لِون ۾ نت لڳي رهي ٿي - لالڻ تنهنجي لار
پيرو متان پڇين

سهڻيءَ جي صدقي اچ سهڻا - گھوري لک هزار
پيرو متان پڇين

سانديي رکي اٿم سيني ۾ - سودا تنهنجي سار
پيرو متان پڇين

رتن جڙيا ڳهڻا پڻ مهڻا - مارين هار سينگار
پيرو متان پڇين

ڏکن ڏڏيءَ کي ڏاڍ ڏئي وڃ - ڏڏڙيءَ جا ڏاتار
پيرو متان پڇين

قول ڪچو ٿي متان لڄائين - او سهڻا سردار
پيرو متان پڇين

گوديءَ ۾ جو ڏئي وئين گلڙو - تنهنجي اٿئي پڪار
پيرو متان پڇين

# ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

هوريان هوريان منهنجي ڪن ۾،
رات پرينءَ جا ڳالهه چئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

روح رهاڻيون ڪهڙيون تيون ڪئين،
رات وئي پريات وئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

اُڌمن ارمانن ڪر موڙيا،
پڻ جاڳي جذبات پيئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

نيڻ مليا نيڻن سان نظرن،
ڪهڙي ڳجهڙي بات ڪئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

ڳوڙها ڇلڪي زرد ڳلن کي،
ڪهڙي ويا سوغات ڏئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

مينهن محبت جو اوتي ويو،
ڏاتر ڪهڙي ڏات ڏئي
مان ڪنهنکي ڪين ٻڌائيندس

# هڪ رات

تون چنڊ بڻي اڄ ساڻ وني - اڄ تارن جي بارات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

تون جام تماچي مان نوُري - تو بن مان آهيان اڻپوري
ڏس منهنجي ذات نہ پات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

هڪ تون ئي تون جي ملي وڃين - مُکڙيءَ جيان دل ۾ کلي وڃين
پوءِ فکر نہ ڪا فڪرات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

جيئن چنڊ بن چريو چڪور پڪي - تيئن جنمن کان آ ڪين لکي
مون پيچ يني پريات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

مون ڪرمن جي ڪانياريءَ کي - ازلئون بوليل بانهياريءَ کي
ڏي مانگ پري خيرات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

جنهن در تي آهيان آءُ پلي - تنهن در تي مون آ جهول جهلي
تون ڏاتر ڏيندين ڏات سڄڻ
گڏ گهار اچي هڪ رات سڄڻ

# غزل

# نہ ڄمڻو آ نہ مرڻو آ

نہ ڄمڻو آ نہ مرڻو آ
رڳو ڇولو تہ ٽمڻو آ

بُرائي پل ڪري هوُ پر
سِپن جو خير گهرڻو آ

نصيبن ۾ لکيل آ سو
اسانکي صرف ڏسڻو آ

رهي جنهن ۾ بہ رب راضي
اُهوئي ڪرم ڪرڻو آ

ملي محفل رضا اُنجي
تنهائيءَ ۾ بہ رهڻو آ

لکيرون رب وڏيون آهن
اسانکي رنگ ڀرڻو آ

ملي جي سک شُڪر اُنجو
ملي جي درد سَهڻو آ

امر هن آتما کي ڪجهہ
نہ ڏيڻو آ نہ وٺڻو آ

# گهونگهٽ

وار کولي ذرا مسڪرائيندي ڪر
پر گهٽائن کي پهرين ٻڌائيندي ڪر

حسن تنهنجي جي تعريف ٿئي ٿي جڏهن
نيڻ محفل ۾ مُرڪي جهڪائيندي ڪر!

تون اڪيلي چمن ۾ پلي گل گناءِ
پر اڳيان منهنجي دل کولي ڳائيندي ڪر!

ڳالھ ڳجهه جي جڏهن نيڻ نيڻن سان ڪن
پيار جي سيج تڏهن سجائيندي ڪر!

ڪر نه مونکان شرم، شرم-ٻوٽيءَ جيان
پَر-پرش جي اڳيان پل لجائيندي ڪر!

سونهن تنهنجي ڏسي ٿي وجي دل جڏهن
ڪين ايڏو تڏهن تون ستائيندي ڪر!

ڪابه من ۾ هجئي بي حجابيءَ سان چئو
ڳالھ دل جي نه مونکان لڪائيندي ڪر!

مهڪ ۾ مهڪ تنهنجي ئي سينگارجي
ڪين ايڏو عطر کي لڄائيندي ڪر!

چنڊ چوڏهينءَ جو مون لئه ته تون ئي آهين
سيج تي صرف گهونگهٽ هٽائيندي ڪر!

# اگر سنڌڙيءَ کي

اگر سنڌڙيءَ کي وساري ڇڏيوسين،
تہ جڻ پاڻ کي پاڻ ماري ڇڏيوسين!

سنڌ تہ صرف سڌين سنڌيِ آهہ يارو،
اهو لفظ دل تي اُتاري ڇڏيوسين!

علم ۽ عقل ساڻ پيرين تي پنهنجي،
بهي قوم کي پڻ سنواري ڇڏيوسين!

يقينن وري سنڌ رهنديِ سنڌين جي،
سمو گذرندو ڪجھ گذاري ڇڏيوسين!

شمع زندگيءَ جي اُجهاڻي تہ ڇا ٿيو،
هزارين چراغن کي ٻاري ڇڏيوسين!

برابر سناسين سوين سوُر سِر تي،
مگر هند کي پڻ اُجاري ڇڏيوسين!

# شيشي جو گهر

منهنجي گهر ۾ گر اُڇلايو تو پٿر آ
ياد اِهو رک! تنهنجو ٻي شيشي جو گهر آ

ستا ڪارڻ نيتائن جو توپيون ٽڪرڻ
ڀارت جي سياست لئہ بيحد بري خبر آ

محنت تي ڀاڙيو سنڌين پر هٿ نہ ٽنگيو ڇو؟
تخم سندو تاثير اهو صحبت اي اثر آ

گنگا جمنا چار ڌام ڀل تيرٿ ڪريو پر
چڱا چئي ويا پنهنجو گهر ڌاتا جو در آ

رڳ رڳ ۾ امرت اوتيو سا آهہ اسانجي
منزل سنڌو، هي تہ صرف ساڪار سفر آ

پنجر ڀتيون در دريون ڀڳت ڪت ڇِنل ڦراسي
لاشڪ هي ڌتڙيل ڪنهن شاعر جو ئي گهر آ

ارٿيءَ سان گڏ ڪانين بدران ڪتاب ڪاپيون؟
سچ تو چوان تہ هي سنڌي ليکڪ جو سَر آ

# پِرڪرتيِ ۽ پرش

تنهنجو منهنجو اهڙو انحد پيار هجي،
نينهن نشي جو ڪوئي آر نہ پار هجي!

هُنن حسينن جو ڪهڙو ديدار ڪريون،
حُسن بڻائڻ واري جو ديدار هجي!

محبُوبن جي محفل ۾ هڪ ڳالھ هئي،
صوُرت کان وڌ سيرت جو اِظهار هجي!

مزو محبت جي ماڻڻ جو اُن ۾ آ،
ڪجھ اِقرار هجي ۽ ڪجھ اِنڪار هجي!

سونهن خُدا جي نعمت آ اي دوست مگر،
حُس هجي پر ڪين حُس جو ڄار هجي!

پلي خُدا کان سندس خودائي پري هجي،
تو ۾ مون ۾ هڪ بہ نہ ويڇو وار هجي!

پرڪرتي ۽ پرش مثل هن جوڙي کي،
سهڻو گهر سهڻو سيمت پريوار هجي!

# ڀوڳيٽي ٻولِي

جهان جي تُهمتن جي ڪاڻ، ايڏو دوُر ٿي وياسين،
الائي ڇو ملڻ کان ئي اسين مجبوُر ٿي وياسين!

وقت جي بي رُخيءَ خاطر - لڪاسين جيئڻ لوڪن کان،
قضا سان رضا سان ڇئون مگر مشهوُر ٿي وياسين!

جدائيءَ تي اسانجي دوستن هئا جشن ڳايا پر،
محبت ئي محبت ۾ اسين هڪ نوُر ٿي وياسين!

ڏنو جنهن درد ئي بس درد يارو اچ اُها محفل،
هٽي الزام اسان تي ٿِي اسين مغروُر ٿي وياسين!

سمايو ساهه جنهن سنڌوءَ ۾ آ هر سنڌيءَ جو تنهن،
اباڻي ڏيهه جا ڏوُنگر ڏسڻ کان ڏوُر ٿي وياسين!

وڃي ٿي وسرندِي سنڌوءَ جِي ٿڃ ڀوُڳٽي ٻولِي،
رڳو بس مال ميڙڻ ۾ سڀئي مسروُر ٿي وياسين!

ڪٿي آهن اُهي شاعر ڪٿي آ شاعرِي اهڙِي،
لکِي هڪ شعر محفل ۾ پڙهِي مشهوُر ٿي وياسين!

مٿل محفل ۾ ڳايوسين غزل ڪو بي-سُرو اهڙو،
سڏائِي جن سِپا تن لئہ مٿي جو سوُر ٿي وياسين!

# درپڻ

ڪُوڙ نہ ڪنهن سان ٻولي درپڻ ،
منهنجو تن من هنجي ارپڻ !

نهروُ سياش گانڌيءَ جهڙو ،
چٽين تہ جنني پٽ اهڙو چڻ !

جت درخت جو ناهہ نشان ڪو ،
اُت ڪانڌيرو ٻيي سڏجي وڻ !

هيءَ معمولي ٻالان نہ سمجهيو ،
هن جو نالو آ بس هڻ ڪڻ !

مُلڪ سڄي ڪي هي ڇا ٿي ويو ؟
گهر گهر نفرت گهر گهر اَڻ ٻڻ!

پنهنجي ياڳن ساڻ ملي ٿو ،
ڪيڙيءَ ڪي ڪڻ هاٿيءَ ڪي مڻ !

هيڏا ٻار اٿس پر تڏهن بہ
چوي جوءِ ڪي اڃا بہ جڻ جڻ !

مهما ڪهڙي ڳايان هت جي ،
روپي ڏرتي سونو ڪڻ ڪڻ !

# ڪنهن سُک ماڻيو

منهنجي دل ۾ جاءِ محبت لاءِ ڪتي آ،
دردن ئي دامن گهيريو ٻي جاءِ ڪتي آ.

سيئي چون ٿا منهنجي دل ۾ دل ئي ڪانهي!
دوست منهنجي دل جو پتو لڳاءِ ڪتي آ!

عشق جهان ۾ سوَن ڪيو پر ڪنهن سک ماڻيو؟
هڪڙو ڪو نالو مونکي تہ ٻڌاءِ ڪتي آ!

تو پنهنجي دل ڪتي رکي آ آئون ٻڌايئن،
منهنجي نظرن ۾ ڏس نظر ملائي ڪتي آ!

تنهنجي اک منهنجي اک سان کيچل تہ ڪري ٿي،
پر نخرالين اکڙين ۾ ساجاهہ ڪتي آ!

فرض ادائيءَ منجهہ امر اِتهاس ڪري وئي،
اهڙي مهان ناري پناداءِ ڪتي آ!

نئين يارت جي سياست جي تصوير ڏسي اچ،
منهنجي چا پر ڪنهنکي پيي دلجاءِ ڪتي آ!

# ڪٽرواد

مندر مسجد جي سنگم تي ڪٽرواد ڪٿان آيو ،
ڀارت ماتا جي ڌرتيءَ تي هي جلاد ڪٿان آيو !

گوتم گانڌِي گرو نانڪ ۽ ڪبير جهڙن سنت مهان ،
هنسن جي مانسرووَر ۾ ڪبرواد ڪٿان آيو !

ديش اسانجو سوني جي چِڙيا سڏبو هو دنيا ۾ ،
آباد ئي آباد هئو هت مُرداباد ڪٿان آيو !

هڪ ئي ذات بڻائي خالق هڪ جهڙا اِنسان آلا ،
اونچ نيچ ۽ ذات پات جو جاتِي واد ڪٿان آيو !

سج چنڊ تارا، جل ٿل انبر- ساهه سڀن ۾ ساڳيو آ ،
گنگا جمني سنسڪرتيءَ ۾ واد وواد ڪٿان آيو !

هندو مومن سِک عيسائي اَمن چئن جا سڀ حامِي ،
پر شيطان مُڪوتي وارو هي اولاد ڪٿان آيو !

# مرڻ کان پوءِ جي خبر

ڏس هيءَ فلاڻي جي قبر ٿئي - هوءَ فلاڻي جي قبر
اڄ ڏينهن تائين ڪنهن نہ ڪئي آ مرڻ کان پوءِ جي خبر!

چوندا وتن ٿا هوُ تہ ويو سنسار ساگر مان ترِي
پر ڪنهن نہ موٽي ڪئي بڌڻ يا ترڻ کان پوءِ جي خبر!

ٻچپن بہ ويو جواني بہ وئي - پيرِي بہ هٿ مان پئي وڃي
آ مرڻ ئي باقي رهيو هن جيئڻ کان پوءِ جي خبر!

بوتل تہ مئہ کي پي وئي - پر مان نہ مئہ کي پي سگهيس
کهڙي ڪري کهڙِي ڪريان مئہ پيئڻ کان پوءِ جي خبر!

تون پڇ انڌيري کان نڪي پڇ روشنيءَ کان پر سڄڻ
پڇندڙ پتنگ کان پڇ شمع جي جلڻ کان پوءِ جي خبر!

برباد ٿي ويا گهر سوين هن پيڙ کان تہ پڇِي ڏسو
جوئا سَٽي ۽ لاٽرين جي پرڻ کان پوءِ جي خبر!

مهنگائي جو هي دور ٿئي ٿو ڪيئن گذر مونکان پڇو
ٻارن مٿان ٻيا ٻار پيدا ڪرڻ کان پوءِ جي خبر!

کِسڪڻ لڳا ٻڌندڙ سيئي اخبار ۾ پڻ آ لکي
محفل ۾ هڪڙو شعر منهنجي پڙهڻ کان پوءِ جي خبر!

# موت جي سايع ۾

دنيا ۾ هرهنڌ پاپ آ پلجي رهيو ،
اڄ موت جي سايع ۾ اِنسان جي رهيو !

ڪنهن ٻئي جي گهر جي جلڻ جي کهڙِي ڪريون ،
خود گهر اسانجو آگ منجهه جلِي رهيو !

اُپهرڻ، قُدرت خون پنهنجن جو ڏسي ،
ايمان اسانجو زهر جو ڍُڪ پي رهيو !

جڳ کي ڏنو جنهن اَمن جو پيغام هو ،
گانڌيءَ جي هن ڀارت ۾ هي ڇاٿي رهيو ؟

محفوظ ڪيئن گولين ۾ رهندي زندگي،
مُهت هوُ مُئو بي موت هي به وڃي رهيو !

پيو شهه ڏئي شيطان کي پاڙبسري ،
بي شرم بي ايمان آ ڀهڪي رهيو !

نفرت ڇڏي ويجهو اچو سوچو ذرا ،
ڇو خون پنهنجي خون کان به ڏکي رهيو !

# ياد جا پاچا

هي ڏسو مازين مٿان مارُيون اڏيندو ٿو وڃي ،
هُو ڏسو پنهنجي اڏيل دنيا ڇڏيندو ٿو وڃي !

ٻالپڻ ويو، وئي جواني هاڻ پيشانيءَ مٿان ،
وقت پنهنجي ياد جا پاچا ڇڏيندو ٿو وڃي !

دُشمني ڪنهن سان ۽ ڪنهن سان دوستي اڏ ۾ ڇڏي ،
ڪو اچ ئي ۽ ڪو سياڻ هرڪو لڏيندو ٿو وڃي !

عُمر ڀر گڏ رهڻ جو وعدو ڪري اڳنيءَ اڳيان ،
رات بس هڪڙي رهي اڄ مُنهن مَٽيندو ٿو وڃي !

روڪ جم تي وجهڻ لئه ياشڻ ڏئي ٿو پاڻ خود ،
ٻار ڄاڻن جي مٿان ڄاڙا ڄٽيندو ٿو وڃي !

آهه ڪو هن مذهبي شيطان کي روڪي الا ،
مُلڪ ۾ نفرت سندو هي ٻج ڇَٽيندو ٿو وڃي !

قلم پنهنجي جي ڪرامت جو ڪريان ڪهڙو بيان ،
گيت غزلن ساڻ گڏ وايون گڏيندو ٿو وڃي !

# دنيا ڪڙيِ بارُود جي ڍير تي

هندستان جي سَر-زمين تي هيِ دَمن
افسوس ٿيو آ شرمندو منهنجو وطن !

شمشان لاشن کي ڏسي روئي ڏنو
شيطان جو پر ڪين پگهريو تن بدن !

اي رهزنو نفرت ڇڏي سوچيو ذرا
هر روز ڇو بي موت ٿا ماڻهو مرن !

مذهب جي خاطر باهه ۾ ڇو ٿيون الا
معصوم ابلائن سنديون جوانيون جلن !

بندوق سان ناهي سمسيا سُلجهڻي
ڇو ٿا ڪريو برباد ڙي پنهنجو چمن !

دنيا ڪڙيِ بارُود جي آ ڍير تي
هر ملڪ ۾ وڌنديِ وڃي زهريِ گُهٽن !

گوليون هلائڻ بند ڪري ويجهو اچو
قائم ڪريون سُک-چَئن ڳانڍيءَ جو اَمن !

# ڪنڌ ڪپائڻ جي گهڙِي

نيت اڇٽي هئي اچي وئي موڪلائڻ جي گهڙِي ،
زندگي جي بي-رُخيءَ کان مُنهن متائڻ جي گهڙِي !

ساز ويا آواز ويا ويبون رُسي سڀ راڳڻيون ،
موڪلائي وئي اسان کان راڳ ڳائڻ جي گهڙِي !

خلق خاطر تو خوشيون خلقيون جهان ۾ اي خُدا ،
چو ڀلا مون لئہ نہ خلقي مُسڪرائڻ جي گهڙِي !

ويو هليو ٻچپن جواني پڻ ڪري وئي الوداع ،
پر اچا بہ نئي کُٽي چو دل جلائڻ جي گهڙِي !

گهاوَ تي پيو گهاوَ مذهب جا سَهي منهنجو وطن ،
مرد مانجهيءَ لئہ اچي وئي ڪنڌ ڪپائڻ جي گهڙِي !

# لڳي جي جنگ دنيا ۾

لڳي جي جنگ دنيا ۾ نہ ڪوئي آشيان رهندو
نہ ڪا بستي بچي سگهندي ڪٿي سارو جهان رهندو؟

ڏسون پيا آسمان ۾ روز ڪي ڦهر ڪڪر ڪارا
ڪِريا شعلا زمين تي گر - تہ ڇا هِي گلستان رهندو؟

هوائن مان فضائن مان اچي بارود جي بدبوءِ
لڳي جي آگ گلشن ۾ ڪٿي هي باغبان رهندو؟

ڪِري جي چِٽنگ ڌرتيءَ تي تہ بستيون خاڪ ٿي وينديون
حياتيون ختم ٿي وينديون نہ ڪو نالو نشان رهندو ؟

سيئي راڪيٽ ڇوڙيندا سُڄو سنسار ٿي ويندو
رهي حالت اِها جاري تہ ڪھڙو داستان رهندو؟

اگر اِنسان اِنسانيت ڇڏي شيطان ٿي پوندو
نہ ڪو ڪارو بچي سگهندو نہ گوري جو گمان رهندو؟

# سيرت مٿان صورت

اِنسان جي اِنسان کان دوُرِي وڌِي ،
اڄ وقت جي ڀي آهه مجبوُرِي وڌِي.

رشتو تہ قائم آهہ پر رغبت ڪٿي؟
ڏيکاءَ جي آ صرف دستوُرِي وڌِي !

هي جام اڄ جنسي مُهاڙو تو لڳي ،
۽ نياز اُڇلي ناز مان نوُري وڌي !

سيرت مٿان صوُرت اچي غالب پئي ،
نقلي ڪپي ويو مال مشهوُرِي وڌي !

جوڙا هرڻ هرڻين سندا ڪيئي گهمن ،
چو ڪين پر خوشبوءِ ڪستوُرِي وڌي !

نئڙت ڇڏي اِنسان تي ويو ڪوڪلو ،
ضد، هوڏ، هٺ، ايمان، مغروُرِي وڌي !

هرهنڌ مهانگائيءَ ڪئي حالت بري ،
غُربت وڌي پر ڪين مزدوُرِي وڌي !

# آنسوُن پيئڻ سِکو

لُڙڪ وهائڻ بدران - آنسوُن پيئڻ سِکو ،
غمن منجهہ پڻ مُرڪي جيئڻ سِکو !

دنيا ۾ ڪجھ اوهان بہ بڻجڻ چاهيو ٿا ؟
ڇئن ڇگَن ماڻهن جي وچ ۾ وِهڻ سِکو !

موت پلي آ، غلام بڻجي جيئڻ کان ،
مرد آهيو پنهنجي پيرن تي بيهڻ سِکو !

آهہ بُري عادت ڪنهن کان هر روز گهرڻ ،
هِن يا هُن کان ونڻ ڇڏي ڪجھ ڏيڻ سِکو !

سِکي ڪيترو سِکندا، ڇا ڇا سِکي ڪندا ؟
سِکڻو اٿو جهان ۾ مُرڪي مرڻ سِکو !

پاڻيءَ ۾ گر پير نہ وجهندا ڪيئن سِکندا ؟
ڪنهن سُڄاڻ تارونءَ کان پهرين ترڻ سِکو !

ليک لِکڻ شاعر بڻجڻ جو شونق اٿوَ ؟
لِکڻ سِکڻ کان اڳ پهرين پڙهڻ سِکو !

# قادر جو ڪرم

تنهنجو قدم منهنجو قدم ٿئي ها سڄڻ ،
مون تي بہ قادر جو ڪرم ٿئي ها سڄڻ !

روشن هجي هان زندگي منهنجي بہ گر ،
منهنجو سنم منهنجو سنم ٿئي ها سڄڻ !

ماري مونکي هر روز ٿي هيءَ زندگي ،
گر موت ماري ها نہ غم ٿئي ها سڄڻ !

بدتر هجي هان زندگي منهنجي بہ گر ،
شاعر جي گهر منهنجو جنم ٿئي ها سڄڻ !

ڇو ڪين آزاديءَ لئہ سُوريءَ سڏ ڪيو ،
منهنجي بہ ڌڙ تان سِر قلم ٿئي ها سڄڻ !

شاعر هجان ها مان بہ ڪو سرمور اڄ ،
رهبر اگر منهنجو قلم ٿئي ها سڄڻ !

# خلقيو خُدا نج نوُر مان

هيِ شهر تو مونکي لڳي سُنسان آ ،
ماڻهو تہ گهڻئي پر ڪتي اِنسان آ !

خلقيو خُدا نج نوُر مان هو سو الا ،
اِنسان ڪيئن بڻجي ويو شيطان آ !

ناهي ڌرم ۽ ڪرم جو ڪوئي پتو ،
اخلاق ۽ ايمان جو نہ نشان آ !

هر شخص نالي ۽ اڊنبر ۾ محوُ ،
ڪوُڙيِ شعورت منجهہ ئي غلطان آ !

پنهنجي ئي گهر هرڪو اڪيلو پيو لڳي ،
پٽ پيءُ وچ ۾ پڻ متو گهمسان آ !

يڳوان يي حيران آ هيِ ڇا ٿيو ؟
جو مون بڻايو سو اِهو اِنسان آ !

ڪنهن تي بہ ڪيئن ڪجي يقين هن دؤر ۾ ،
آدم سندو ايمان بي ايمان آ !

# مهاٻلي ٻجرنگ

ڪشمير ڀارت جو ته اٽوٽ انگ آ،
جيءَ سان جڙيل سِر سان اسانجي سنگ آ!

اونچو اسانجي سئنڪن جو حوصلو،
قائم اُهوئي جوش، هوش، اُمنگ آ!

سِر سان ڪفن هردم ٻڌِي ٿا جي گهمن،
هن ماترڀوميءَ جو اُنهن تي ننگ آ!

ريلا ڪري جو رت وهايو آ ڇنن،
لاشڪ اسان جي خون جو ئي رنگ آ!

بي موت ماريو پيو وڃي جو هر جوان،
سو پِيي اسان جي ڪُڙم جو ئي انگ آ!

ڪامياب ڪڏهين ڪين ٿيندئو قاتلو،
ناحق اوهان جوٽي رکِي جا جنگ آ.

ڇا ٿا پڇو هن ديش جو هرهڪ جوان،
سئنڪ ته وير مهاٻلِي ٻجرنگ آ!

ڪيڏو نه دنيا جي مٿان ويو ڇانئجي،
آتنڪوادِي پوُت هِي بدرنگ آ!

# تنهنجي گلي

بس هيءَ ئي هڪ ڳلي لڳي ٿي ،
شايد تنهنجي گلي لڳي ٿي !

هيمون! ڌارين جي وَر تنهنجي ،
سنڌ بہ چڙهي وئي ٻلي لڳي ٿي !

محفل ۾ ڇو آهہ سناٽو ؟
اڄ ڪنهنجي دل جلي لڳي ٿي !

ڏيتي ليتيءَ جي ڀنيت ۾ ،
هيءَ بہ چڙهي وئي ٻلي لڳي ٿي !

ماڻهن لئہ هوندي بدصورت ،
پر مونکي مخملي لڳي ٿي !

عمر ڀچي ڇا ڪندين اياڻا ،
اڃا تہ ڪومل ڪلي لڳي ٿي !

رات ملڻ جو ڏئي دلاسو ،
اڄ مونکان وئي آلي لڳي ٿي !

# نہ سانديئہ ساھہ سان سنڌڙي

لڳايئہ دل تہ پوءِ پنھنجي ئي دل کان دُور ٿي ويندين ،
مگر لئلا ۽ مجنونءَ جيان چڱو مشھُور ٿي ويندين !

نشي کان بچ نشوڙين جي چڪر ۾ وئين اگر ڦاسي ،
تہ پنھنجي زندگيءَ لئہ تون وڏو ناسُور ٿي ويندين !

ٻڌاپي ۾ نہ پڇندءِ ڪو ڇڏي ويندءِ سڄڻ سارا ،
مرڻ کان پوءِ ورسين ۾ گھڻو مشھُور ٿي ويندين !

ھليا ويندا سڀيئي موت جي آغوش ۾ آخر ،
مرڻ جو مرم ڄاڻي وئين تہ تون منسُور ٿي ويندين !

ڪجين پل خون جي ڪنھن ڪيس ۾ قاتل وڏو ڏوھي ،
ڦٽائي وئين اگر شاھد تہ بي قسُور ٿي ويندين !

ڇڏي ڏي شاعريءَ جو شونق آھي ڇا رکيو ھن ۾ ؟
نہ گھر ۽ گھاٽ جو رھندين سُڃو مغرُور ٿي ويندين !

اگر ليکڪ يا شاعر سان رکيئہ ڪا دوستي گھري ،
تہ گھر وارن ۽ يارن لئہ مٽي جو سُور ٿي ويندين !

نہ سانديئہ ساھہ سان سنڌڙي نہ ٻوليءَ کي رکيئہ زندھہ ،
تہ سنڌوُ ماءُ جو درشن ڪرڻ کان دُور ٿي ويندين !

# هي اِنسان اڪيلو آ

چوڌر ماڻهن ئي ماڻهن جو، جَمگهٽ ڪيڏو نہ جهميلو آ ،
سهسين ساٿين سان هوندي پڻ، هت هر اِنسان اڪيلو آ !

ڏس ڏنوانن جي محفل جو، پيو دؤر هلي چئو ماڙ متي ،
پر هيٺ جهوپڙيءَ ۾ نرڏن ڪي، پيو ويلي تي ويلو آ !

جنهن سڄي عمر شيوا تہ ڪيو پر جيئري پيءُ ڪي سوُر ڏنا ،
تنهن ڍونگيءَ آهہ سڄايو پيءُ جي ورسيءَ جو هِي ميلو آ !

ٿينديون رهنديون هي هتياڻون، انجام ديش جو ڇا ٿيندو ؟
شايد ستا جي وس بڻجي ويو عقلمند البيلو آ !

وئي شش گهوءَ جي پرمپرا، سُڌريل دنيا جو دور ڏسو ،
سڀ گروُ گروُ ئي بڻجي ويا، نہ بچيو چاڪر ڪو چيلو آ !

پُٽڙا پوٽا ۽ پڙپوٽا، سڀ سوارٿ تائين سات اٿئي ،
هرڪو ايندو بہ اڪيلو آ هت ۽ ويندو بہ اڪيلو آ !

بي سُرتيءَ ۾ جو لکجي ويو، سو سمجهي سگهين تہ سمجهہ سڄڻ ،
هي گيت غزل سنگيت نہ ٿئي، هي منهنجي روُح جو ريلو آ !

# آخر آمن ايندو ڪڏهن

سنسار ۾ آخر آمن ايندو ڪڏهن ؟
آتنڪوادين جو دمن ٿيندو ڪڏهن ؟

هر روز بم گولن جي بوڇارن منجهان ،
آزاد ڌرتيءِ ۽ گگن ٿيندو ڪڏهن !

سرسبز سُرڳ سمان نعمت جو ڏٺي ،
ڪشمير سو ساڳيو چمن ٿيندو ڪڏهن !

سرمور سئلانين جي لئہ جنت مثل ،
وادين ۾ سهنجو وَن گمن ٿيندو ڪڏهن !

گهاٽيون ۽ واديون روز ٿيون هِت رت رئن ،
سُک چئن گانڌيءَ جو اَمن ايندو ڪڏهن !

ڪنهن يي نہ آزاديءَ جو ماڻيو سُک اجا ،
دهشت منجهان آجو وطن ٿيندو ڪڏهن !

سَرويچ سرحد جا سپاهي چئہ اجا ،
قبرن ۾ قاتل جو دمن ٿيندو ڪڏهن !

# ديش ڀڳتيِ گيت

۽

# سنڌو درشن

# آمِرپالِي

اَدِيُت ڏني رَب سونهن متوالي سڄڻ ،
تڏهين تہ سڏجان ٿي اَمرپالي سڄڻ !

محبُوب پنهنجي نُور مان اوتي ڏني ،
پهرين ڪِرڻ سڄ جي ڪنيم لالي سڄڻ !

لب لب تي لالِي سڄ لٽي جي لاليما ،
اکڙين ۾ ڪاجل آ گهٽا ڪالي سڄڻ !

بخشي ڏني موسم بسنتي رنگ رتي ،
مُکڙِيءَ مونکي مُرڪ متوالي سڄڻ !

من موهني آ پيڙ منهنجِي چاندني ،
رِشتي ۾ آهيان چنڊ جي سالي سڄڻ !

محفل ۾ پڻ سهڻي سندم صورت مٿان ،
سيرت ڪندِي آ روز رکوالي سڄڻ !

ڌرتي گگن سارو چمن اُپجايو جنهن ،
سوئي تہ منهنجو آهہ وَر والي سڄڻ !

# ڀارت ديش مهان

ڪائنات جي مور مُڪٽ ۾ چمڪي چنڊ سمان ،
اسانجو ڀارت ديش مهان !

گَنگا تي هِت امرت اوتي، جمنا ڪل ڪل ڳائي ،
گپت سرسوَتيءَ جي ڌارا تي، مَند مَند مُسڪائي ،
گهاٽن تي ويدن جي واڻي، گونجي گيتا گيان ،
اسانجو ڀارت ديش مهان !

جهرنا جهر جهر گيت سڻائن، واديون سُر گونجائن ،
کيتن ۾ ٿا ساوا ساوا، سونا سنگ لهرائن ،
ڪڻ ڪڻ جنهنجو آهه قيمتي، مِٽي سون سمان ،
اسانجو ڀارت ديش مهان !

ذات پات جو ڀيد نه ڪوئي، مالها جا سڀ موتي ،
مندر مسجد گردواري ۾، جرڪي هڪ ئي جوتي ،
سيني ڌرمن جو سنگم، آ پيارو هندوستان ،
اسانجو ڀارت ديش مهان !

جنهن جي مٽيءَ ۾ پيدا ٿيا، آزاديءَ جا پانڌي ،
پنهنجي سِر سان ڪفن ٻَڌي، جن هيءَ آزادي آندي ،
رت سان ريجي تن مهڪائي، ڌرتي سُرڳ سمان ،
اسانجو ڀارت ديش مهان !

# ڪجھ سوچيو، ڪجھ ياد ڪريو

رڻڌيرن جي رت سان ريجي، اسان چمن اُپجايو آ،
سُياش ڳانڌيءَ جو گلشن، ڪهڙي ڪارڻ مُرجهايو آ،
ڪجھ سوچيو ڪجھ ياد ڪريو،
ڇو ٿا هيئن برباد ڪريو ؟

مرڻ اجايو ڪنهنکي مارڻ، هِن هُن جي ٻُنيي ڪي ٻارڻ،
گهايل آ اڄ امن اسانجو،
مُرجهايل آ چمن اسانجو،
ناحق مذهب ڪي نفرت جي باھ ڏيئي ڀڙڪايو آ،
سياش ڳانڌيءَ جو گلشن، ڪهڙي ڪارڻ مُرجهايو آ،
ڪجھ سوچيو ڪجھ ياد ڪريو،
ڇو ٿا هيئن برباد ڪريو ؟

شيطانن جي هيءَ شيطاني، آتنڪوادين جي من ماني،
هيءَ حالت ڪيسين سهنداسين ؟
مان ڪري ڪيسين وِهنداسين ؟
ڀارت ماتا جي دامن ڪي ڪنهن هي داغ لڳايو آ،
سياش ڳانڌيءَ جو گلشن، ڪهڙي ڪارڻ مُرجهايو آ،
ڪجھ سوچيو ڪجھ ياد ڪريو، ڇو ٿا هيئن برباد ڪريو ؟

# منگل گيت

ستيہ اَهنسا جا گڻ ڳائي، منگل گيت سُڻايون ،
ويرن جي پاون ڌرتيءَ کي، اچو تہ سُرڳ بڻايون !

ڄنني جنم ڀوُنءِ آ، اسانکي پراڻن کان ڀي پيارِي ،
رِشين مُنين جي پاون ڌرتي، ٿن لوڪن کان نيارِي ،
وِشوَ شانتيءَ جو دنيا کي، جنهن سنديش سُڻايو ،
تتوَ گيان ويدن جي واڻيءَ جو جنهن سُر گونجايو ،
اچو اُنهيءَ امرت واڻيءَ کي، هينئين ساڻ هنڊايون ،
منگل گيت سُڻايون !

سِر تي جنهنجي مُڪٽ هماليہ، چرنن ۾ آ ساگر ،
هردي ۾ گنگا جمنا جي، ڇلڪي پاون گهاگهر ،
هن مٽيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾، ٿا چمڪن ماڻڪ موتِي ،
اڱڻ اڱڻ ۾ گيان گنگا جي، جرڪي جڳ مڳ جوتِي ،
مڌر سُرن جي سُر گنگا جو، امرت رس ڇلڪايون ،
منگل گيت سُڻايون !

امرت ويلي سوريہ ديوَ اوتي سونهرِي ڪِرڻا ،
آجيان ۾ جنهنجي نت نت، امرت ڇلڪائن جهرڻا ،
مندر مسجد گردواري ۾، گونجي هڪ ئي واڻي ،
گيتا جو سنديش اُهائي، آهہ گرن جي باڻي ،
وڇڙِي ويا تن محبوُبن کي، ڇاتيءَ ساڻ لڳايون ،
منگل گيت سُڻايون !

# ڀارت نئون ٺاھينداسون

گيت وجيہ جا ڳائينداسين، اڳتي قدم وڌائينداسين ،
امن چئن ۽ خوشحاليءَ سان، ڀارت نئون ٺاھينداسين !

مِٽيءَ ۾ موتي مَهڪائي، کيت کيت ۾ اُپج وڌائي ،
اَن ڌن جا ڀنڊار ڀرڻ لئہ، پنھنجو ڳھر وَھائينداسين ،
ڀارت نئون ٺاھينداسين !

ھر ڪنھن کي ھاٿي ڪم ملندو، مُوڙ نہ واندو وِھٽو پوندو ،
محنت کي سڀ ڳلي لڳائي، غربت دور ڀڄائينداسين ،
ڀارت نئون ٺاھينداسين !

اَڻ پڙھيل ڪي ھاڻ نہ رھندا، ٻار ٻڍا دل لائي پڙھندا ،
شڪشا سان اڱيان مِٽائي، گيان ديپ جرڪائينداسين ،
ڀارت نئون ٺاھينداسين !

نفرت جون ديواريون ٽوڙي، رُٺل دلين سان ناتا جوڙي ،
پيار محبت سان پرچائي، رُٺلن کي ريجھائينداسين ،
ڀارت نئون ٺاھينداسين !

ھندوُ مومن سِک عيسائِي، ڀارت جا سڀ ڀائُي ڀائي ،
آزاديءَ جي رکشا خاطر، پنھنجي جانِ لڳائينداسين ،
ڀارت نئون ٺاھينداسين !

ستيہ اهنسا جو ڇا ٿيندو؟ رام راجيہ ڪيئن برپا ٿيندو ؟
ڀڳت سنگھہ جي جلي جواني ،
هيمون هوشوءَ جي قرباني ،
سوين سپوتن لاکيڻن لالن جو لهوُ لڄايو آ ،
سپاش گانڌيِءَ جو گلشن، کهڙي ڪارڻ مُرجهايو آ ،
ڪجهہ سوچيو ڪجهہ ياد ڪريو ، ڇو ٿا هيئن برباد ڪريو ؟

# آ اعلان اسانجو

سُوَرڻ جينتيءَ جي موقعي تي، آ اعلان اسانجو،
قائم آهه قائم رهندو، ڀارت مهان اسانجو!

وَندي ماترم نعرن سان، نيل گگن گونجايو،
انگريزو ڀارت ڇوڙو، جن گهر گهر بغل وڄايو،
وئرت وچڻ نہ ڏينداسين، تن ويرن جون قربانيون،
آزاديءَ لئہ مُرڪي سهسين، سوُريءَ چڙهيون جوانيون،
سِر سان ڪفن ٻڌي ڏارين ڪان، جن هي ديش بچايو،
ڀنهنجي رت جو ريج ڏيئي، تن هيءُ چمن مَهڪايو،
جنهنجو آ ڪڻ ڪڻ بہ قيمتي، سون سمان اسانجو،
ڀارت مهان اسانجو!

وشوَ شانتيءَ جو دنيا کي، جنهن سنديش سُڻايو،
تتوَ گيان ويدن جي واڻيءَ، برهم ناد گونجايو،
مندر مسجد گردواري، جت گونجي هڪ ئي واڻي،
سنتن جو سنديش، اُهائي آهه گرن جي ٻاڻي،
ڪرم اُهوئي ڌرم اُهوئي آ ايمان اسانجو،
ڀارت مهان اسانجو!

# پِرهہ ڦٽيِ پرڀات

چڏي پراڻا راڳ ٻي سُرا، ڇيڙيو ڪا نغمات نئين ،
نئين سال جي اچي رهي آ، پرهہ ڦٽي پرڀات نئين !

نئين سال جي صبح سُهاني، رات ٻہ ٽيندي مستاني ،
چنڊ چاندنيءَ سان آٽيندو، تارن جي بارات نئين !

خوش ڌرتي آڪاش لڳن ٿا، خوش هر ڀارتواسي آ ،
آزاديءَ جي آجيان ۾ پڻ، جاڳي آ جذبات نئين !

خوشيءَ سندي هھڙي محفل ۾، ڇو ويٺين مُنهن موڙي تون،
ڇڏ روسامون ڏک ڏوراپا، اڄ تہ ڪريون ڪا بات نئين !

ڀارت جي خوشحاليءَ لئہ، شل ٻڻجي سال سڀاجهو هي ،
چوڌر کيتن ۾ نت برسي، اَن ڌن جي برسات نئين !

ورهين پڇاڻا مليم مبارڪ، پنهنجي مومل راڻيءَ کان ،
مونکي ڀي پڻ ملڻي آهي، سونهاري سوغات نئين !

ڪري نئون نرماڻ، ڪيو آ اسان پريکشڻ پرماڻو ،
شڪتي سمپن ڀارت جي، اڄ آهہ ٻڻي اوقات نئين !

مِٺڙا ماڻهو مُلڪ مِني جا، شال پسان مان سنڌو ماءُ ،
سنڌڙيءَ جي سِڪ جاڳائي آ، منهنجي تن ۾ تات نئين !

# نئين صديءِ، نئون نرماڻ

نئين صديءَ جي آجيان ۾، نت نئون نئون نرماڻ ڪريون ،
جو ڪم ڪرڻو آهه سُڀاڻي، اڄ اُهو ڪم هاڻ ڪريون !

گهر گهر هٿ جا هنر لڳائي، روزگار کي همٿايون ،
غربت ساري دُور ڀڄائي، ڳانوَ ڳانوَ کي چمڪايون ،
ماڻهن ۾ ايمان رهي،
جيئڻ جو سومان رهي،
قدم اسانجو وَڌي چڪو آ، اِهو دنيا کي ڄاڻ ڪريون ،
نئون ڀارت نرماڻ ڪريون !

بنجر ڀونءِ سرسبز بڻائي، کيتن کي خوشحال ڪريون ،
اَن ڌن جا اَنبار لڳائي، گهر گهر مالامال ڪريون ،
واندو هاڻ نه وِهڻو آ،
عيش آرام نه ڪرڻو آ،
پنهنجي ڌرتي پنهنجو اَنبر، ڇا لئه ڪنهنجي ڪاڻ ڪريون ،
نئون ڀارت نرماڻ ڪريون !

علم ادب جا پاٺ پڙهائي، اڻ پڙهيلن کي جاڳايون ،
اگيان ۽ انڌڪار مِٽائي، جوت گيان جي جرڪايون ،
اڳتي اڳتي وَڌڻو آ،
پُٺتي پير نه هٽڻو آ،
اُونچ نيچ جو ڀيد مِٽائي، لوڪن جو ڪلياڻ ڪريون،
نئون ڀارت نرماڻ ڪريون !

ويل اَسُر جو پوُرب اوتي، نت سونهرِي ڪِرڻا ،
واديون سُر ۾ سُر گونجائن، امرت اوتن جهرڻا ،
گنگا جمنا ٿيون هِت متيءَ ۾ موتي مهڪائن ،
کيتن ۾ ٿا ساوا ، ساوا سونا سنگ لهرائن ،
پراڻن کان پيِ پيارو آهي، سُرڳ سمان اسانجو ،
ڀارت مهان اسانجو !

# ڪشمير

ٽڙيِ پون ٿا نيڻ ڏسان ٿو واديون هيِ ڪشمير جون ،
گهاٽيون هيِ ڪشمير جون.

نهرُون هت ٽيون امرت اوتين - جهرنا ٿا هت ڳائن ،
کيت کيت ۾ ساوا ساوا سونا سنگ لهرائن ،
قدرت جي هيِ نعمت آهن نرمل نوُر نظارا ،
گلن ڦلن سان گهيريل آهن ڳوٺ ڳليون گهر سارا ،
ڌرتي آ جڻ سرڳ مثل آباديون هيِ ڪشمير جون ،
گهاٽيون هيِ ڪشمير جون.

سهڻا سادا ماڻهو هتڙي، ناريون ڀوليون ڀاليون ،
پياريِ پياريِ ٻوليِ تن جيِ، منڙيون منڙيون ڳالهيون ،
قادر بخشي سهڻيِ صورت ۽ نوُراني چهرو ،
چلڪي نيڻن منجهه هنن جي ساگر گهرو گهرو ،
لڳن اپسرائون ٽيون جڻ شهزاديون هيِ ڪشمير جون ،
گهاٽيون هيِ ڪشمير جون.

ورڻي ۾ آ مليِ هنن کي مُرڪ مٺيِ موچاريِ ،
انگ انگ چانديِ جان چمڪي لڳي ڏُلهن هر ناريِ ،
سونهن سيڻ جيِ ساڀيا آهن اکڙيون پياريون پياريون ،
مُرڪن سان موتيِ چلڪائن من موهيندڙ ناريون ،
مچلي ٿو من جڏهن ڏسان ٿو شاديون هيِ ڪشمير جون ،
گهاٽيون هيِ ڪشمير جون.

# وطن جي آن خاطر

اسانجي سرحدن ڏي، جو بہ ويرِي وِک وڌائيندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو، نہ موٽي مور سو ويندو !

ورِي هڪ وار گهاٽين منجهہ گُونجيو هڪ ئي نعرو آ ،
اسانکي ڪارگل ڪشمير، پراڻن کان بہ پيارو آ ،
دغا دوکي ڪپٽ سان، جو بہ گهس پئنيو گهڙي ايندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو!

وطن جي آن خاطر، اڄ ورِي جنني پڪاري ٿي ،
سپوُتن سوُرويرن کي وري سرحد سنڀاري ٿي ،
اگر ڀارت جي سرحد منجهہ دشمن جنگ جوٽيندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو!

مُبارڪ سا ماتي جنهن مان لڙاڪوُ لال پئدا ٿيا ،
ڏريائون پير جنهن پِڙ ۾ نہ موٽي موُر پُٺتي پيا ،
سڌائي پاڪ گر ناپاڪ نظرن سان نهاريندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو!

اسانجي سئنڪن جو حوصلو ايمان قائم آ ،
جهان ۾ اڄ بہ هندوستان جو سومان قائم آ ،
اَمن ۽ شانتيءَ جي دوُت کي جو اک ڏيکاريندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو!

اسان دشمن جي ڇاتيءَ تي چڙهي اُت مُڱ ڏريندا سين ،
لُٽيرن ڪائرن جا ڪنڌ ڪپي ئي دم پٽيندا سين ،
وري ڪشمير کي ڪوئي مُجاهد هٿ لڳائيندو ،
اُنهيءَ جو سِر ڪٽيو ويندو!

# هلو هلون هريدُوار

هلو هلون هريدوار ، گڏجي گنگا تي
جوان ٻڍا ۽ ٻار گڏجي گنگا تي
سارو گهر پريوار گڏجي گنگا تي

هرڪي پؤڙيءَ ٽُبي لڳايون - ديپ ڌوپ ۽ پشپ چڙهايون
گنگا مان جو ڌيان لڳايون - پاپ مٽائي پُڃ ڪمايون
ٻيڙا ٽيندا پار - مَئيا گنگا تي

سَتي ڪُنڊ تي سيس جهڪايو - هتي ستيءَ هو پاڻ جلايو
هيءَ ڌوٽِي مستڪ تي لايو - شِوَ شنڪر جو ڌيان لڳايو
ڪنکل جو ديدار - مَئيا گنگا تي

نچندا ٽپندا چڙهو چڙهائي - مٽي ٻراجي منسا بائي
منوڪامنا من ۾ جائي - منشا پورِي ڪندِي اُهائِي
مهما اپرم پار - مَئيا گنگا تي

آرتيءَ تي موج مچي تي - ڀڳتن جي ڪا ڀيڙ لڳي تي
اديت مان جو درشن ٿئي تو - پرم سک آنند ملي تو
گونجي جئہ جئہ ڪار - مَئيا گنگا تي

رِشي ڪيش سنتن جا ڌيرا - رشين مُنين جت ڪيا بسيرا
رام جهولي جو عجب نظارو - لڇمڻ جهولو سڀ کان نيارو
سورڳ لڳي ساڪار - مَئيا گنگا تي

# آزاد اسانجيِ آ ڌرتيِ

آزاد اسانجي آ ڌرتي - آزاد اسانجو آهه گگن ،
مصريءَ ۽ ماکيءَ کان منڙو - پِراڻن کان پيارو آهه وطن .

باغن ۾ ٿيون ڏيلون ڏوڙن ۽ پنک پساري مور نچن ،
پونرا ڳائن ڪليون جهومن - چوطرف چتونئڙا لات لنوَن ،
آزاد سُريلي ڪويل آ - آزاد اسانجو آهه چمن ،
پِراڻن کان پيارو آهه وطن .

بي روزگار ڳوناڻن کي - روزي روٽي ۽ مانُ ملي ،
ڪمزور نہ ڪنهنجي ڪاڻ ڪڍي - مزدورن کي سنمان ملي ،
محنت ئي اسانجو ڌرم ڪرم - ايمان اسانجو آهه اَمن ،
پِراڻن کان پيارو آهه وطن .

هيءَ ڌرتي وير شهيدن رت جو ريجھ ڏيئي مهڪائيِ آ ،
سهسين سِرڙا قربان ڪيا تڏهين آزاديِ آئيِ آ ،
مٽي آ جنهنجي سون مثل ڪڻ ڪڻ جنهنجو انمول رتن ،
پِراڻن کان پيارو آهه وطن .

سانجهيءَ جو مِڙندا اچي سڀ ميت هئا
گونجڻ لڳي ويندا گگن ۾ گيت هئا
ڏيندا سُريلا ساز پيي سنگيت هئا
ڏاتر ڏني هئي ذات تن کي ڏانءُ ۾. ڪيڏو نہ ....

مومن هندوءَ جو پاڻ ۾ ڪو پيار هو
پاڪر پيري گڏجڻ سچو سينگار هو
سالن پڇاڻا اڄ الائي ڪيئن وريِ
سا ياد آئيِ آ ڦُريِ اڄ هانءَ ۾. ڪيڏو نہ ....

# اباڻو ڳانوَ

ڪيڏو نہ خوش هئاسين اباڻي ڳانوَ ۾
ڇا موج مچنديِ هئي اسانجي گهر اڳيان
وهندڙ درياهہ نِمر جي ٿڌيري ڇانوَ ۾. ڪيڏو نہ ....

گهر گهر اسُر جو جنڊ گهمندو هو جڏهن
ڪو راز روحاني سليندو هو تڏهن
اَن ڏن صبر ۽ شيل جا پنڊار هئا
هو مست هرڪو پنهنجي ئي ٽِر ٿانءَ ۾. ڪيڏو نہ ....

گوديءَ ۾ ڏينديِ ماءُ هئي لولي مِٺي
لوليءَ جي ڪيڏيِ نہ هئي بولي مِٺي
پينگهن ۾ پلبا لال لاڪيٽا هئا
ننگڙا نماڻي جا ڇپر جي ڇانوَ ۾. ڪيڏو نہ ....

مهمان پنهنجي ڀاڳ سان لهندو هئو
ڪانگل اڱڻ ۾ اڳ اچِي لنوَندو هئو
ازخود اکيون در ۾ لڳِي وينديون هيون
وشواس هو ڪان-ڪان ڪندڙ اُن ڪانوَ ۾. ڪيڏو نہ ....

غربت سندي گهونگهٽ اندر ڀِي مُرڪ هئي
محبوب لئہ سيني ۾ سانديل سُرڪ هئي
دل آهہ ماندي سنڌ پسڻ لئہ پر اَلا
قسمت وڌِي زنجير منهنجي پانوَ ۾. ڪيڏو نہ ....

# هيمون ڪالاڻي

قائم آ ۽ قائم رهندو - امر شهيدي شان
اسانجي هيمونءَ جو بليدان
امر آ هيمونءَ جو بليدان

ڪالاڻي پريوار ۾ ڄائو - بالڪ اديت پيارو
لاڪيڻو هِي لال دلارو - منڙو مُنهن موچارو
اوڻهين سالن ۾ پنهنجي - سِر جو سانگو لاهي
جنگ اي آزاديءَ ۾ پيو هِي - ڳاڙهو ڳيرو ڪاهي
آزاديءَ لئہ پنهنجي جوانِي - ڪري ڇڏِي قربان
امر آ هيمونءَ جو بليدان

سنڌڙيءَ جي هل چل ۾ اُڀريو - آزاديءَ جو تارو
نگر نگر گهر گهر گونجايو اِنقلاب جو نعرو
انگريزن جي سامهون ڇاتي توڪي سينو تاڻي
ڪئي گرجنا سنڌوءَ ڪناري سکر جي هن راڻي
سُوريءَ تي چڙهندي پِي جنهنجي مُنهن تي هئي مسڪان
امر آ هيمونءَ جو بليدان

هن سپُوت سِر سهسايو پر ڪڏهن نہ سيس جهڪايو
پِراڻن جي آهُوتِي ڏيئي سنڌڙيءَ کي مهڪايو
سنڌ جي مٽيءَ ۾ پئدا ٿيا - آزاديءَ جا پانڌِي
پنهنجي سِر سان ڪفن بڌِي جن هيءَ آزادِي آندِي
آزاديءَ جي بلوِيديءَ تي چمڪيو چنڊ سمان
امر آ هيمونءَ جو بليدان

# چيٽيِ چنڊ

اڄ جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪي ٿي
انبر ۾ جوت اکنڊ امان
مون ڏٺو چيٽ جو چنڊ امان.

شهناين جا آواز اچن - ٿا دهل دماما ساز وڄن
هندو مومن گڏ جيڇ هٽن - ناهي گيرب گهمنڊ امان
مون ڏٺو چيٽ جو چنڊ امان.

ننڍڙا وڏڙن جا پير ڇهن - ٿا گهٽيي گهٽيي آسيس گهرن
پٽڙن ۽ نُهرن کي هٿ سان - ڏي وجهي کير ۾ اکنڊ امان
مون ڏٺو چيٽ جو چنڊ امان.

ڪٽڪن ۾ پوندا لابارا - اَن ڏن جا پربا پنڊارا
گهر گهر ۾ سون جي مڪڙيءَ سان - گهمندو چانديءَ جو جنڊ امان
مون ڏٺو چيٽ جو چنڊ امان.

دولهه جي در تي پير پري - ڪجهه اَکن قُلن جي پيت ڏري
پنهنجا سارا ڏکڙا سکڙا - لالڻ سان ويهي ونڊ امان
مون ڏٺو چيٽ جو چنڊ امان.

# سنڌوءَ جا ڪنارا

وساريا نہ وسرن سنڌوءَ جا ڪنارا
سنڌوءَ جا ڪنارا هئا جيءَ جيارا

جتي جي مٽيءَ ڪي اديبن اُجاريو
سچل شاهہ ساميءَ جي بيتن سينگاريو
وساريا نہ وسرن - اُهي مُحب پيارا
اُهي مُحب پيارا - هئا جيءَ جيارا

اچا رت رَڱن ۾ سنڌوءَ جو ئي آهي
حياتيءَ تائين نہ ڀُلبو ڀُلائي
وساريان نہ وسرن اُهي سنڌ وارا
اُهي سنڌ وارا - هئا جيءَ جيارا

اچا پيو اکين ۾ قري ساڌ بيلو
اُهي سنت ساڃيا - اُهو آهہ ميلو
وساريان نہ وسرن سکر جا نظارا
سکر جا نظارا - هئا جيءَ جيارا

اٿم آس سيني ۾ سنڌوُ پسڻ جي
اُهي ڳوٺ ڳليون ۽ پکڙا ڏسڻ جي
وساريان نہ وسرن - اُهي ميت پيارا
اُهي ميت پيارا - هئا جيءَ جيارا

# زنده قوم

مان پڻ سنڌي - تون پڻ سنڌي،
هي پڻ سنڌي - هُو پڻ سنڌي،
اسين ته سنڌي آهيون - سنڌي چونه سڏايون
سنڌيءَ ۾ پڻ لکون پڙهون ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهايون
اسين ته سنڌي آهيون - سنڌي چونه سڏايون.

ساڌن سنتن جي هيءَ ڌرتي - شاهه سچل ساميءَ جي سرتي
چير ٻڌي جامون پڳ پائي - گيت ڪنوَر جا ڳايون
سنڌي چونه سڏايون

ڏاهر ۽ هيمونءَ جي پياري - دودي ٻاگهيءَ لئه ٻاجهاري
ڳوٺ ڳوٺ ۽ نگر نگر ۾ - گهر گهر الک جڳايون
سنڌي چونه سڏايون

سنڌ سنڌين جي جيءَ جياري - ورهيه لنگها پر مون نه وساري
سنڌوءَ جو امرت اوتيو تنهن - تنهن کي ڪيئن لڄايون
سنڌي چونه سڏايون

جهولڻ جي جت جرڪي جوتي - ڪڻ ڪڻ ۾ ٿا مهڪن موتي
ڳاءِ وڄائي چيچ لڳائي - سنڌين کي جاڳايون
سنڌي چونه سڏايون

محنت همت ۽ هوشياري - اڄ به مڃي ٿي دنيا ساري
سنڌڙيءَ جا سپ وارث سنڌي - زنده قوم سڏايون
سنڌي چونه سڏايون

# او سندو

او سندو اسانکي تہ تون ياد آهين
الائي اسين ياد آهيون نہ آهيون !

نہ طوطن جي تڙ تان تنوارون اچن ٿيون
نہ ڪونجن جون ڪڏهين قطارون اچن ٿيون
پڇن تنهنجا جاوا - لڇن تنهنجون جايون
الائي اسين ياد آهيون نہ آهيون !

چٺي خط بہ جڻ اڏ ملاقات آهي
ٻنهي جي اندر جي اُها تات آهي
تہ پوءِ ڪهڙي ڪارڻ هي جيئري جدايون
الائي اسين ياد آهيون نہ آهيون !

وڇوڙي ورهہ جي ڪيو حال هيٺو
ٻاهر ٻاق ناهي اندر درد ويٺو
سييئي سُور سانڍي نہ ڪنهنکي سڻايون
الائي اسين ياد آهيون نہ آهيون !

نہ اوني ئي آيو نہ قاصد مُڪو تو
لڏي سار ڪڏهين نہ خطڙو لکيو تو
اسين نت قرب جا ڪبُوتر اُڏايون
الائي اسين ياد آهيون نہ آهيون !

# جيئي منهنجي سنڌڙي

جيئي منهنجي سنڌڙي
ڳهوريان تنهن تان جندڙي

دولهه جي در پنجڙا ڳايان
ڍول منجيرا جهانجهه وڄايان
مان تہ وڄايان گهنڊڙي - جيئي....

دولهہ در پٽڙن پوٽن جي
مرچوءَ موليءَ موٽڻ جي
لهرائيندس جهنڊڙي - جيئي....

سنڌ سنڌين جي جيءَ جياري
ورهيہ لنگهيا پر نہ مون وساري
توڙي وسايم هنڌڙي - جيئي....

رات سنڌوءَ جو خواب ڏٺو مون
امڙ اکين ۾ آب ڏٺو مون
چت ۾ لڳم ڇنڊڙي - جيئي....

هيمُون تنهنجي سنڌ سُونهاري
دودي ٻاگهيءَ پڻ سينگاري
ڪنور بہ گهوري جندڙي - جيئي....

# آ ٻارت ٻٽيو اکنڊ

مون رات ڏٺو هو خواب انبر ۾
چمڪيو چيٽي چنڊ امان
آ ٻارت ٻٽيو اکنڊ امان

سڀ ورِي وطن ڏي آهيون هليا - واڌايون ڏئي سڀ آهن ڳڏيا
پيا ڌُهل دماما چنگ وڄن - خوش ٿي نر ناريون نچن ٽپن
مَت مذهب جو ڪنهنجي من ۾ - نہ رهيو ڳيرب نہ گهمنڊ امان
آ ٻارت ٻٽيو اکنڊ امان

سنڌوءَ امرت برسايو آ - ڌرتيءَ کي سُرڳ ٻڻايو آ
مٽيءَ ۾ مهڪ بہ نياري آ - اڄ ڦولي ڪِياري ڪِياري آ
سنگن مان سون سندا داٽا - موتي ميڙيندا ڳوناٽا
گهر گهر ۾ ايندي خوشحالي - گهمندو چانديءَ جو جنڊ امان
آ ٻارت ٻٽيو اکنڊ امان

درياه شاه تي جوتيون جرڪن - هندوُ مُرڪن مومن مُرڪن
ڏونڪن سان چيڄي چيڄ هٽن - پنڄڙا ڳوُنڄن چيريون چمڪن
شل هِي سپنو ساڪار ٿئي - ۽ دولهہ جو ديدار ٿئي
اڄ ٻري ڪٽورو ڏي تہ پيئان - مان وجهي ڪير ۾ ڪنڊ امان
آ ٻارت ٻٽيو اکنڊ امان

# او ماءُ سنڌوُ منهنجِي ماءُ

او ماءُ! سنڌوُ منهنجِي ماءُ
منهنجِي ماءُ !

کهڙيءَ ويلا وڇڙِي وياسين - درد ورهاڱي جو پِي وياسين
تنهنجي گود ڇڏي او سنڌڙِي - نيٺ هندڙيءَ جا ٿي وياسين
چوڻ ۾ ڄڄون هند ۾ پر تو ۾ - اٽڪيل آهه اسانجو ساهه
ماءُ ! سنڌوُ منهنجي ماءُ

گنگا جمنا امرت آهن - پاپ مٽائن بڪ اُڃ لاهن
پر سنڌوُ آ جَنني ماتا - هي منهنجي لئه ٿڃ نه ناهن
پِراڻن ڪان پياري سا ڌرتي - ماءُ سرڳ جو آهي ساءُ
ماءُ ! سنڌوُ منهنجي ماءُ

ڏاهر لاڏيءَ جي جيءُ جيئارِي - دولهه درياشاه جي پيارِي
هيمونءَ جهڙا وير ڄڻيا جنهن - سا بڻجي وئي اڄ ويچارِي
مونکي پَل لُڪ سازي او ماءُ - لڳي نه توکي ڪوسو واءُ
ماءُ ! سنڌوُ منهنجي ماءُ

سنڌ جا ڄاوا سنڌ جون ڄايون - مرد به جاڳيا جاڳيون مايون
تنهنجو ئي ٿا ونش سڏائين - هاڻ چون سنڌِي هڪ آهيون
هڪ ڏينهن سنڌوُ ديش بڻجندو - لڳندو ڳلي ياءُ سان ياءُ
ماءُ ! سنڌوُ منهنجِي ماءُ

سنسڪرتي وَرش ۾ سناتڪوتر سطح تي شاگردن کي -/٧٠٠ في شاگردن کي پروتساهن رقم ڏيڻ.

ماڌيمڪ شڪشا بورڊ راجستان جي مئرٽ ۾ اچڻ وارن سنڌي شاگردن جو اڪادميءَ جي سالياني جلسي ۾ نقد رقم سان گڏ سنمان.

اڪادميءَ پاران ڏيندڙ سرووچ اُپاڌي 'سنڌو رتن' جي سنمان رقم -/٢١٠٠٠ مان وڌائي -/٥١٠٠٠ روپيه، ساهتيه جي وڏي سنمان 'سامي سنمان' -/١١٠٠٠ مان وڌائي -/٢١٠٠٠ ۽ پستڪ ڇپائيءَ جي اِنعامن جي رقم -/٧٠٠٠ مان وڌائي -/١١٠٠٠ روپيه ڪئي ويئي.

- سال ٢٠٠٣-٠٤ ۾ سنڌو رتن سان شري جهمٽمل واڌواڻيءَ کي، سال ٢٠٠٤-٠٥ ۾ شري گياندئو آهوجا کي، سال ٢٠٠٥-٠٦ ۾ شري اُتمچند ايسراڻيءَ کي سنمانت ڪيو ويو ۽ سال ٢٠٠٦-٠٧ ۾ سوامي هنسرام جي مهاراج کي 'سنڌو رتن' سنمان سان سنمانت ڪيو ويندو.
- راجستان جي ٢٥ سنڌي ليکڪن کي اُنهن جي اڻ-ڇپيل پانڊولپين کي ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ڪرڻ. سهيوگ رقم -/١٠٠٠٠ مان وڌائي -/١٢٥٠٠ روپيه ڪرڻ.
- اڪادميءَ جو ڪوشش سان پهريون دفعو ڪلاس ٦ کان ١٢ تائين جي سنڌي وشيه جا ڪتاب سرڪار پاران ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپائڻ.
- پهريون دفعو اُڀرندڙ ليکڪن لاءِ اکل ڀارتيه/راجيه سطح تي ڪهاڻي ۽ ايڪانڪي ليک ڇپائيءَ جو آيوجن.
- پهريون دفعو مانتيا مليل اسڪولن ۾ ڪلاس ٦ کان ١٢ تائين پڙهندڙ شاگردن کي سنڌي وشيه جا ڪتاب مفت ڏيڻ.
- 'رهاڻ'، 'سنڌو دوت'، 'سنڌ جو نقشو'، سنڌي مهاپرش، سنت مهاتمائن ۽ شهيدن جي ياد ۾ پيمپليٽ ۽ فولڊر لڳاتار ڇپائڻ.
- رجت جينتي سال ۾ 'رَجت جينتي ڪئلينڊر' ڇپائي ورهايو ويو.
- سنڌي وشيه پڙهندڙ شاگردن جي سهوليت لاءِ سنڌي وياڪرڻ جي ڪتاب جو پرڪاشن ۽ مفت ڏيڻ.
- سنڌي اسڪولن، سنڌي ماسترن ۽ سنڌي شاگردن کي سنڌي ڊڪشنريون مفت ڏيڻ.
- ڊاڪٽر مينا آسواڻي، وياکياتا راجڪيه مهاوديالیه، اجمير کي سنڌي وشيه ۾ پي-ايڇ-ڊي. ڪرڻ تي -/٥١٠٠ جو اوارڊ.
- سُشري انيتا جانجاڻي، جئپور کي سنڌي وشيه ۾ پي-ايڇ-ڊي. ڪرڻ لاءِ -/٢٠٠٠٠ جي اِسڪالرشپ.

موهن لعل واڌواڻي
اڌيڪش

ديپچند تنواڻي
سچيو

# راجستان سنڌي اڪادميءَ جون گذريل ٽن سالن جون حاصلاتون
## ( ١١ فبروري ٢٠٠٤ کان ١١ جنوري ٢٠٠٧ تائين )

- اکل ڀارتيه سطح تي ٽن سنڌي ليکڪ سميلنن جو آيوجن.
- اکل ڀارتيه سطح تي ٻن سنڌي ڪوي سميلنن جو آيوجن.
- اکل ڀارتيه سطح تي ٽن سنڌي پترڪار سميلنن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي ٻن سنڌي مهلا سميلنن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي ٻن سنڌي پنچات-مکي سميلنن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي سنڌي يوا سميلن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي ٻن سنڌي شڪشڪ/شڪشاود سميلنن ۽ سنمان سماروهن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي چار سنڌي ايڪانڪي سماروهن جو آيوجن.
- سال ٢٠٠٤ ۾ پهريون دفعو راجيه سطح تي پربڌ سنڌي ناگرڪن سميلن جو آيوجن.
- اڪادميءَ جي اِستاپنا جا ٢٥ سال پورا ٿيڻ تي سال ٢٠٠٤-٠٥ کي رَجت جينتي ورش جي روپ ۾ ملهايو ويو.
- سال ٢٠٠٥-٠٦ کي سنڌي ڀاشا وَرش گهوشت ڪيو ويو. هن سال سڄي راجيه ۾ سنڌي وشيه داخلا مها-ابييان جي ذريعي شاگردن جي تعداد ۾ بيحد واڌارو.
- سال ٢٠٠٦-٠٧ کي سنڌو سنسڪرتي وَرش گهوشت ڪيو ويو. هن سال راجستان جي جهالراپاٽن (جهالاواڙ)، پيلواڙا، بياور (اجمير)، نوهر (هنومان ڳڙه)، پالي ۽ ڪوٽا ۾ ضلع سطح تي سنڌو سنسڪرتي سميلنن جو آيوجن.
- سنڌي ڀاشا سنمان ڪاريه ڪرم جو آيوجن. سنڌي ڀاشا جي واڌاري ۾ خاص يوگدان ڏيڻ وارين سنستائن جو سنمان.
- سنڌو درشن ياترا (ليهه-لداخ ٢٠٠٦) ۾ سانسڪرتڪ پرتينڌي منڊل موڪليو ويو.
- سال ٢٠٠٦ ۾ هيمون ڪالاڻي شهادت ڏينهن تي سڄي راجيه ۾ سنڌي سنسڪرتي سامانيه گيان پريڪشا جو آيوجن.
- ٽن سالن ۾ سنڌو پتي مهاراجا ڏاهرسين جينتي جو سڄي راجستان ۾ آيوجن.
- هر سال ١٠ اپريل سنڌي ڀاشا ڏينهن تي سڄي راجيه ۾ ڪاريه ڪرمن جو آيوجن.
- سنڌي ڀاشا وَرش ۾ راجيه سطح تي اٺن ڏينهن جي سنڌي ڀاشا شڪشڪ پرڪشڻ ڪاريه شالا جو آيوجن.
- راجيه لسطح تي اٺن ڏينهن جي ٻن سنڌي ناٽيه پرڪشڻ ڪاريه شالائن جو آيوجن.
- راجيه سطح تي اٺن ڏينهن جي سنڌي سانسڪرتي پرڪشڻ ڪاريه شالا (گيت، سنگيت، نرتيه، ابينيه، ڇيڄ، ڀڳت) جو آيوجن.
- راجيه سطح تي سنڌي وشيه کڻڻ وارن ١٠ کان ١٢ درجي جي شاگردن کي -/٠ ۽ ڪاليج شاگردن کي -/٥٠٠ هرهڪ شاگردن کي پروتساهن رقم ڏيڻ. سن

# راجستان سنڌي اڪادميءَ جا اُديشيہ

١- سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ اڌيين ۽ انوسنڌان کي پروتساهن ڏيڻ ۽ واڌارو ڪرڻ.

٢- راجيہ ۾ سنڌي سنستائن/سنگٺن جي ڪمن ۾ سمنويہ ۽ سهيوگ اِستاپت ڪرڻ.

٣- سنڌي ساهتيہ سان جڙيل ساهتيڪارن ۽ ساهتيہ جي کيتر سان جڙيل سنستائن ۾ سهڪار وڌائڻ ۽ اهڙين سنستائن جي گُڻن ۽ واڌاري کي پروتساهت ڪرڻ.

٤- راشٽريہ ۽ راجيہ ليوَل تي سنڌي ساهتيڪ سنستائن جي معرفت گوشٺيون ۽ سميلن آيوجت ڪري، ساهتيڪ ويچارن جي ڏي-وٺ کي پروتساهت ڪرڻ.

٥- ساهتيڪ پستڪن، پتر-پتريڪائن ۽ شوڌ پترن جو سنڌي ڀاشا ۾ پرڪاشن ڪرائڻ ۽ پروتساهت ڪرڻ.

٦- سنڌي سنگٺن جي ضرورت موجب پستڪالين ۽ واچنالين جي اِستاپنا ڪرڻ ۽ پروتساهت ڪرڻ.


٧- راجستان سوسائٽيز رجسٽريشن ائڪٽ ١٩٥٨ جي تهت سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ وارين سنستائن کي مانيتا ڏيڻ ۽ مانيتا پراپت سنستائن کي مالي مدد ڏيڻ.

٨- پستڪ، پردرشنين، مشاعرن ۽ ساهتيڪ ڪاريہ ڪرمن جي ماڌيم سان ديش ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتيڪ سمپرڪن کي واڌارو ڏيڻ.

٩- يوگيہ ليکڪن، ڪوين ۽ ٻُڌجيوين کي اِسڪالرشپ، فئلوشپ ۽ اِنعام ڏيڻ.

١٠- سنڌي ڀاشا جي ليکڪن ۽ ڪوين کي اُنهن جي خاص حاصلاتن لاءِ مانيتا ڏيڻ ۽ ساهتيڪ ڪِرتين جي پرڪاشن لاءِ مالي مدد حاصل ڪرائڻ.

١١. اَڌيين، پانيڪرم، وياکيان، سيمينار ۽ سرويکشڻ ڪاريہ ڪرم آيوجت ڪري سنڌي ساهتيہ جي اَڌيين ۾ واڌارو ڪرڻ.



# پريچيه

نالو : مرچومل سوني

جنم : نومبر ١٩٣٣ع

جنم هنڌ : مانجهند، دادو ضلع، سنڌ

تعليم : سنڌِي فائينل، شاستريه سنگيت ۾ وشارد

پيشو : سُوَرڻ ڪار

ڇپيل ڪتاب: منهنجو ملڪ ملير، روح جا روشندان،
موتين جو مهراڻ

سنمان : روح جي روشندان ڪتاب تي
راجسٿان سنڌِي اڪاڊميءَ طرفان اوارڊ

سرگرميون : ريڊيو، ٽِي-وِي ڪلاڪار ۽ سانسڪرتڪ اسٽيج
پروگرام هندستان جي الڳ الڳ شهرن ۽
هانگ ڪانگ ۾ شيوڪرام سونيءَ سان گڏ،
گوورڌن پارٽيءَ جي زير سايع

سرنامو : 317، سونِي پوَن، ڪيشو نگر، وئشالِي، اجمير

فون : (Resi) 0145-2640958


राजस्थान सिन्धी अकादमी
राजस्थान सरकार (शिक्षा विभाग) का स्वायत्तशासी संस्थान
जे-7, सुभाष मार्ग, सी-स्कीम, जयपुर-302001 टेलीफैक्स 0141-2228399
راجسٿان سنڌِي اڪاڊمي
RAJASTHAN SINDHI ACADEMY
मुद्रक : अमर भारत ऑफसेट, फोन : 2626372